# سنڌي لوڪ ادب جي

# ارتقائي تاريخ

# سنڌي لوڪ ادب
## جي
# ارتقائي تاريخ

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ۱۹٦۴ع ۾، ايم - اي لاءِ
پيش ڪيل مونوگراف

مؤلف

**الله بخش نظاماڻي**

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ناشر

**انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي**

سنڌ يونيورسٽي ، حيدرآباد سنڌ

چاپو پهريون تعداد هڪ هزار

جنوري ١٩٧١ع

قيمت ٥٠-٢ روپيا

ملڻ جو هنڌ

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي

حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇپيو، ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان، خواجه غلام علي الانا، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، شايع ڪيو.

## فهرست


| باب | عنوان | صفحا |
|---|---|---|
| | ناشر طرفان ۾ اکر | الف-ب |
| | پيش لفظ | ج |
| **باب پهريون** | **لوڪ ادب جي ارتقا** | ١ |
| **باب ٻيو** | **لوڪ شاعري** | ٩ |
| **باب ٽيون** | **لوڪ ادب جون صنفون** | ٢٥ |
| | پرولي | ٢٥ |
| | رواجي پرولي | ٢٦ |
| | سوال- جواب واريون پروليون | ٢١ |
| | گرو - چيلي جا بيت | ٢٧ |
| | ڏٺ - پرولي | ٢٨ |
| | ڪچهارت | ٢٨ |
| | ڦاڪا | ٣١ |
| | هنر | ٣٣ |
| | ڏُراهو | ٣٨ |
| | ڏور | ٤٠ |
| | ست سُرا | ٤٢ |
| | ڏَهَس | ٤٤ |
| | سينگار | ٤١ |
| | چلڙو | ٤٨ |
| | مورو | ٥٠ |
| | ٻيلڻ | ٥١ |
| | مانجهيڙو | ٥٢ |
| | هو جمالو | ٥٣ |

وائي ، ڪافي ۽ جهُولنا ٥٥
لولي ۽ ڪوڏاٽا ٥٧
سهرا يا لاڏا ٥٩
هندو قومن جا گيت ٦١
مناظرا يا سوال - جواب ٦٤
هفتا ، ڏينهن ، راتيون ۽ مهينا ٦٦
ٽيهه اکريون ٦٨
واقعاتي بيت ٧١
ڊگها بيت يا نڙ بيت ٧٣
سماع يا سمهن ٧٥
مولود ٧٧
مدح ٧٩
مناقبا ٨٠
مرثيو ٨٢
**باب چوٿون لوڪ ڪهاڻيون** ٨٤
ڪتب آيل ڪتابن جي فهرست ٩٥

# ناشر طرفان ٻه اکر

زنده قومون پنهنجي ادبي سرمائي کي جيءَ ۾ جاءِ ڏينديون آهن، ۽ ان کي وڏي قدر ۽ شان سان سوهينديون ۽ سانڍينديون آهن. هرڪا قوم ”اڄ“ ۽ ”ڪالهه“ جي پيٽ مان پيدا ٿي، ”سڀاڻي“ کي جنم ڏئي ٿي. جنهن قوم ”اڄ“ جي حالتن ۽ ڪالهه جي تصور (تاريخ) کي اهميت ڏني، اها ئي قوم سڀاڻي سرهي ٿيندي. باقي جا قوم ڪالهه جي تصور کان بي نياز رهندي آهي، اها هڪ اهڙي سڪل ٻنڊ وانگر آهي، جنهن کي وقت ۽ حالات جا گرم آلوده تهه پنهنجي آغوش ۾ ويڙهي، هستيءَ جي دنيا کان هزارين ميل لڪين ڪوهه پري وڃي ڇڏين ٿا. ان ڪري ڪنهن به قوم جي صحتمند ۽ سالم ادب کي ئي ان قوم جي زندگيءَ سڏيو ويندو آهي.

اسين قومي زندگيءَ جي حيثيت سان اڄ ڪهڙي موڙ تي بيٺل آهيون، تنهن لاءِ اسان جون ”اڄ“ جون حالتون شاهد آهن. اسان وٽ پنهنجو صحتمند معاشرو آهي، اسان وٽ ادبي فڪرن ۽ رجحانن جي هڪ وسيع ۽ رنگا رنگ دنيا آباد آهي، قديم ۽ جديد قدرن سان ڀرپور ادب ۽ تاريخ آهي. ليڪن انهيءَ سڀ ڪجهه هوندي به اسين پاڻ کي سڌريل ۽ ادبي حيثيت سان هڪ شاهوڪار قوم نٿا سمجهون. اهو انهيءَ ڪري جو اسان جهڙيءَ ريت ”اڄ“ جي حالتن تي توجهه نه ڏنو آهي، تهڙيءَ ريت ”ڪالهه“ جي حالتن ۽ واقعن تي به ڌيان نه ڏنو اٿئون. نتيجي طور اسانجي ادب

جو تاريخي ۽ تحقيقي پهلو، جنهن ـَـي ادبي عمارت جي پيڙهه چڻجي، نسبتاً ڪمزور ٿي رهيو آهي.

سنڌي ادب ڪي مختلف صنفن سان مالا مال ڪرڻ ۽ سنڌ جي نوجوان طبقي ۾ تحقيق جو چاهه جاڳائڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي خاص مقصدن مان هڪ آهي. هن اداري جي مقصدن مان هڪ مقصد هي به آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن ۾ ايم - اي ۽ پي - ايڇ - ڊي ڊگرين لاءِ پيش ڪيل مونو گراف ۽ مقالا ڇپايا وڃن.

هن سلسلي ۾ اسان جون ڪوششون جاري آهن، ۽ سنڌي شعبي ۾ پيش ڪيل مونوگرافن مان ڇهون مونوگراف ڇپائي پڌرو ڪري رهيا آهيون.

هن ڪتاب جي اشاعت ڪانپوءِ اسين دعويٰ ڪري سگهون ٿا ته اسان سنڌي ڪتابن جي اشاعت جي ميدان ۾ هر سال اڳتي وڌي رهيا آهيون. اسانجي منشا آهي ته سنڌي زبان ۾ لکيل اعليٰ علمي ڪتاب ڇپائي، پڙهندڙن جي پياس پوري ڪريون.

| | |
|---|---|
| سنڌ يونيورسٽي | سنڌي ٻوليءَ جو فدائي |
| حيدرآباد سنڌ | خواجه غلام علي الانا |
| ٢٢-١٢-١٩٧٠ع | اسسٽنٽ ڊائريڪٽر |
| | انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. |

# پيش لفظ

لوڪ ادب، هڪ ايڏو تہ ڪشادو موضوع آهي، جنهن تي جيترو بہ گهڻو ڪم ڪبو، اوترو مثقال مثل نظر ايندو. پلا صدين جو لٽيل دفتر پٽڻ، ۽ سينگارڻ، ۽ سنوارڻ ڪا رواجي ڳالهہ تہ نہ آهي! هٿ پهتين مان لعل ڳولهڻو آهي. مِٽِيءَ ميلايل سونَ کي، ادبي ڪوناري ۾ ڳاري، اصل ۽ نقل کي جدا ڪرڻو آهي. پر اهڙي ڪم لاءِ هڪ ادبي گهوري کي گهرجي تہ هو پاڻ کي وقف ڪري ڇڏي. مون ڪان بہ وت آهر جيترو پڄي سگهيو آهي، اوترو نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان، سو تہ پرجهيندڙ ۽ پارکو ئي ٻڌائي سگهندا.

ڪيترا سال اڳي، اسان پنهنجي لوڪ ادب کي ڪا ايتري اهميت ڪانہ ٿي ڏني. اسان مان ڪيترا ائين سمجهندا هئا تہ لوڪ ادب هڪ جهنگلي، دهقاني ۽ خيالي قصن ڪهاڻين جو مجموعو آهي، ۽ ان جو حقيقت سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. انهيءَ ڪان سواءِ اسان جي خاص ڪري ڪيترن اديبن کي لوڪ ادب مان بي سمجهي ۽ ڳنوارپڻي جي بوءِ ايندي هئي، ۽ لوڪ ادب جي ڪيترين صنفن تي گويا ڇٽرون ڪندا هئا. انهيءَ سبب ڪري لوڪ ادب جي ڪوجنا ڏانهن ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو ويو. پر پوءِ جڏهن سنہ ١٩٤٧ع ۾ اسان کي آزادي ملي، تڏهن غلاميءَ واري ذهنيت ختم ٿي، ۽ قومي جذبو بيدار ٿيو، جنهنڪري اسان پنهنجي ادب ۽ زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو تنقيدي جائزو ورتو ۽ هر ڳالهہ جي پلاين ۽ براين کي پرکيو. انهيءَ هوندي بہ اسان انهيءَ جو بهترين ادبي صنفن جي حيثيت ۾ صحيح قدر نہ ڪري سگهياسين. مگر هن وقت اسان جو عوام ۽ اسان جا اديب هن نتيجي تي پهتا آهن تہ ”لوڪ ادب ئي اسان جي معياري ادب جي پيڙهہ جو پٿر آهي. اسان جو لوڪ ادب اهڙو آهي، جنهن تي واقعي ناز ڪري

سگهون ٿا . لوڪ ادب ئي اسان جي زندگيءَ جو آئينو آهي، ۽ اسان جي جذبات جي صحيح ترجماني ڪري ٿو." اهڙيءَ طرح سان اسان جي ڪن اديبن لوڪ ادب جي گهراين ۾ وڃي، انهيءَ جي قدرشناسي ڪري، انهيءَ کي عام ڪيو، مثلاً، پيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪيولرام آڏواڻي، مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽه، موسوي برادران ( مسٽر عطا حسين شاهه ۽ مسٽر عبدالحسين شاهه)، مسٽر عبدالڪريم سنديلو ۽ خاص ڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. انهن صاحبن لوڪ ادب جي ڪيترين ئي صنفن تي قلم کنيو ۽ انهن کي سهيڙڻ ۽ سموهڻ جي هر طرح ڪوشش ڪئي. اسان جو لوڪ ادب، جيڪو هن کان اڳ اسان جي اديبن جي سردمهريءَ سبب لڪو پيو هو، تنهن کي ڦولهي، انهيءَ جي ادبي خوبين کي واضح ڪيو، جنهن لاءِ ڪين جس هجي. انهيءَ ڏس ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون ڪوششون پڻ قابل ذڪر آهن. بورڊ جي "لوڪ ادب اسڪيم" موجب ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترائي اڃا زير اشاعت آهن.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود به مجموعي طرح سان سنڌي ادب جي ڪنهن به اديب، لوڪ ادب جي عالمي اهميت، ان جو عام مفهوم، معنيٰ، مقصد ۽ روايت تي سلسليوار بحث نه ڪيو آهي. انهيءَ ڪري اسان جا عام ماڻهو، هن بهترين ادب جي ايڏي وڏي اهميت، مقصد ۽ مفهوم کان پوريءَ طرح سان روشناس ٿي نه سگهيا آهن. اسان جي اديبن اڪثر ڪري لوڪ ادب جي مختلف صنفن تي قلم کنيو، مگر ان جي تاريخي پس منظر، فني خوبين، ۽ عام مفهوم کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو. هيءَ هڪ حقيقت آهي ته ڪنهن به ادبي صنف جي گهري مطالعي ۽ ان جي تحقيق لاءِ جيستائين ادب جي انهيءَ صنف جي ارتقاءَ، تاريخي پس منظر، مفهوم ۽ فني خوبين جو باريڪ بينيءَ سان سلسليوار مطالعو نٿو ڪجي، تيستائين ان بابت ڪيل تحقيق نا مڪمل ۽ بي معنيٰ آهي.

انهن سڀني ڳالهين کي خيال ۾ رکندي، مون لوڪ ادب جي ارتقاءَ، فن ۽ تاريخي پس منظر تي هي مقالو لکڻ پسند ڪيو، ڇاڪاڻ

جو ھيءُ اھو دؤر آھي، جنھن ۾ اسان جي لوڪ ادب جي مختلف صنفن کي گڏ ڪرڻ جون ھر طرف کان ڪوششون جاري آھن. انھيءَ ڪري مون چاھيو تہ اسان جي اديبن کي، ھن وقت انھن اھم ڳالھين کان روشناس ڪرائڻ تمام ضروري آھي تہ جيئن اھي لوڪ ادب جي ادبي صنفن جي مطالعي سان گڏوگڏ، ان جي ارتقاءَ، فني ۽ تاريخي پس منظر کان چڱيءَ طرح سان واقف ٿين، ۽ کين خبر پوي تہ لوڪ ادب بابت دنيا جي ٻين عالمن ۽ اديبن جا ڪھڙا رايا آھن، ۽ دنيا جي عالمن ۽ محققن جي نظرن ۾ لوڪ ادب کي ڪھڙي اھميت آھي. در حقيقت ھرڪنھن صنف کي پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ڪي اصول ۽ قاعدا آھن، ۽ ان صنف جي مطالعي لاءِ، اھو ضروري آھي تہ ان کي قاعدن جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي، ۽ انھن اصولن جي مدنظر، انھيءَ جو مطالعو ڪجي. مگر اسان جي اديبن، سنڌي لوڪ ادب کي، ڪنھن بہ عالمي اصول يا قاعدي جي تحت پرکڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آھي. جيتوڻيڪ ھيءَ ھڪ حقيقت آھي تہ ھر ٻوليءَ جو لوڪ ادب، اتي جي ملڪي حالتن، قومي ۽ تمدني اثرن کان متاثر ھوندو آھي، مگر انھيءَ جي باوجود بہ اصولي طرح سان ان ۾ ڪي اھڙا عالمي اصول ھوندا آھن، جي دنيا جي سڀني لوڪ ادبن ۾ عام ھوندا آھن. انھيءَ ڪري اھو ضروري آھي تہ سنڌي لوڪ ادب جو بہ انھن اصولن پٽاندر مطالعو ڪجي؛ ڇاڪاڻ تہ ھن کان اڳ اھڙي ڪا خاص ڪوشش نہ ڪئي ويئي آھي.

ھن مقالي ۾، انھن سڀني اصولي ڳالھين جو خيال رکيو ويو آھي تہ جيئن اسان کي لوڪ ادب جي فني مطالعي ۾ وڌيڪ آساني ٿئي. اھا ھن مقالي جي خاص خوبي آھي، ۽ اھڙي قسم جي ھيءَ ھڪ پھرين ڪوشش آھي، جا اميد تہ اڳتي جي تحقيق ۽ وڌيڪ ڇنڊڇاڻ لاءِ، اسان جي لوڪ ادب تي قلم کڻندڙ صاحبن لاءِ چڱي راھہ پيدا ڪندي.

ھن مقالي ۾، لوڪ ادب جي ٻن اھم ڀاڱن: ھڪ لوڪ شاعري، ۽ ٻيو لوڪ ڪھاڻين جي فني ارتقاء، ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو ويو آھي. لوڪ شاعريءَ ۾، شاعر جو تخلص، لوڪ شاعريءَ

جا مختلف دؤر، ۽ ان جو ڪاٿو ، مصنف جي اهميت، عام مقبوليت جا اسباب، لفظي ٻيچ گهڙ ڪان پاڪائي وغيره تي تبصرو ڪيو ويو آهي. انهيءَ کان سواءِ لوڪ شاعريءَ بابت دنيا جي مختلف عالمن جا رايا ڏيئي، انهيءَ جي وڌيڪ وضاحت ڪئي ويئي آهي. ساڳئي وقت تي لوڪ شاعريءَ کي مختلف عنوانن هيٺ ترتيب ڏيئي، هرهڪ عنوان ۽ انجي جدا جدا صنفن جو مختصر جائزو پڻ ورتو ويو آهي، ته جيئن انهن جي مطالعي ۾ آساني ٿئي. انهن سڀني صنفن کي بيان ڪرڻ لاءِ، موزون جاين تي مختلف قسمن جا مثال پڻ ڏنا ويا آهن، انهيءَ لاءِ ته پڙهندڙ آساني سان سمجهي سگهن. لوڪ ڪهاڻين، واري باب ۾، لوڪ ڪهاڻين جي عالمي اهميت، ۽ انهن جي هڪجهڙائي وارين ڳالهين ۽ اصولن تي ڪافي تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي ، ۽ ان بابت عالمي محققن جا جيڪي رايا آهن ، تن تي پڻ روشني وڌي ويئي آهي.

لوڪ ڪهاڻيون نه صرف لوڪ ادب جو هڪ اهم حصو آهن ، مگر ساڳئي وقت تي سياڻپ ۽ نصيحتن جو بي بها خزانو پڻ آهن. انهن ۾ عقل ۽ سمجهه جا معنيٰ خيز نُڪتا سمايل آهن، جن کي تمثيلي نموني ۾ نهايت ئي شاندار طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي. هن باب جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته، لوڪ ڪهاڻين ۾ نه فقط عشق ۽ محبت جا بهترين داستان سمايل آهن، مگر سورهيائي، بهادري، شجاعت، همت، قرباني ۽ همدرديءَ جا پڻ سوين مثال موجود آهن. اهي نه صرف انسان، ذات جي واندڪائيءَ جي وندر آهن ، مگر انهن سان ڪيترائي سمجهه ۽ سياڻپ جا اصلاحي سبق ملن ٿا. هن باب ۾ ٻين ڳالهين سان گڏو گڏ هن نُڪتي تي پڻ بحث ڪيو ويو آهي ته، ’لوڪ ڪهاڻين جي سٽاءَ بلڪل فطري آهي ، ۽ اهي عوام جي سادي ذهن ۽ طبع جو بهترين عڪس آهن. انهن جو اسان جي سماجي ۽ خانگي زندگيءَ سان گهرو تعلق آهي. انهيءَ کان سواءِ لوڪ ڪهاڻين بابت دنيا ۾ جيڪو قديم مواد موجود آهي، تنهن تي تبصرو ڪري، لوڪ ڪهاڻين جي ارتقاءَ تي چٽي روشني وڌي ويئي آهي.

هن مقالي ۾ انهن قديم ڪتابن جهڙوڪ : ١- پنچتنتر (برهمڻي)،

٢. ڪليله و دمنه (ايراني)، ٣. سامديو جو ڪٿا سريت ساگر، ۴. هتو پديش (پنڊتي)، جي قدامت تي مدلل نمونې ۾ بحث ڪيو ويو آهي، ۽ هر هڪ جي اصليت، قدامت ۽ مقصدن تي پڻ مختصر روشني وڌي ويئي آهي ته جيئن هر هڪ جي اهميت جي خبر پئجي سگهي.

هن مقالي جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته لوڪ ڪهاڻين جا ماهر، هن نتيجي تي پهتا آهن ته، ”انهيءَ قسم جون ڪهاڻيون، هند ۽ ايران جي وچ وارن علائقن (موجوده مغربي پاڪستان، افغانستان، ۽ ڏکڻ اوڀر ايران) ۾ آسريون، ۽ پوءِ ٻين ملڪن ۾ رائج ٿيون.“ ڪيترن محققن جي هيءَ راءِ پڻ آهي ته، ”اسلام جي اشاعت سان گڏوگڏ، لوڪ ڪهاڻيون دنيا ۾ پکڙيون.“ اسلام سڀ کان پهرين سنڌ ۾ آيو، ۽ هتي جون لوڪ ڪهاڻيون قرون وسطيٰ واري زماني ۾، مغرب ۽ ٻين ملڪن ۾ پکڙيون. مگر ساڳئي وقت هن مقالي مان اهو پڻ معلوم ٿيندو ته پنجين صدي ق.م. ۾ ڪهاڻين جا ڪي ٿورا مثال يورپ ۾ ملن ٿا، جيئن ’ڊيميٽريس‘ نالي هڪ شخص، ’ايسپ‘ جي ڪهاڻين کي پهريون ڀيرو، چوٿين صدي ق.م. ۾ شايع ڪرايو.

هن مقالي ۾ انهيءَ ڳالهه تي چٽي روشني وڌي ويئي آهي ته، ”لوڪ ڪهاڻيون آئيسلنڊ کان وٺي بر صغير هند و پاڪ تائين ڪافي مشابهت رکن ٿيون“. ساڳئي وقت اها پڻ خبر پوندي ته انڊو-يورپين لوڪ ڪهاڻين ۾ واقعات ۽ پلاٽ جي هڪجهڙائيءَ جا ڪيترائي مثال موجود آهن: مثلاً: ٿيوڊور بينفي، مشهور مصنف ١٨٥٩ع ۾ لکيو آهي ته، ”هندوستان، يورپ جي ڪهاڻين جو سرچشمو آهي.“ انهن سڀني ڳالهين تي تفصيلي بحث کان پوءِ، هن مقالي ۾ اهو پڻ چٽيءَ طرح سمجهايو ويو آهي ته سنڌ ۾ ڪهڙي قسم جي لوڪ ڪهاڻين جو رواج آهي. مثلاً، نثري ڪهاڻيون، نظمي ۽ تڪبنديءَ واريون ڪهاڻيون وغيره، جيڪي ادب جو هڪ بهترين حصو ۽ وڏو خزانو آهن.

مضمون جي لحاظ کان عوامي ڪهاڻين کي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايو ويو آهي. جهڙوڪ، ڏند ڪٿائون، بادشاهن ۽ شهزادن جا قصا، پرين ديون ۽ راڪاسن جون آکاڻيون، روايتون، نيم تاريخي قصا ۽ جانورن جون آکاڻيون ۽ داستان، جيڪي ننڍي هوندي نه صرف

# باب پهريون

## لوڪ ادب جي ارتقا

جڏهن کان انسان پيدا ٿيو آهي ۽ سمجهه کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو اٿس، تڏهن کان پنهنجي جذبن ۽ احساسن جي پڌرائي، ڪنهن نه ڪنهن نموني ڪندو رهيو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هو پنهنجي اُمنگن ۽ آدَرش ڪري، اهڙا ته خيال ظاهر ڪندو آهي، جي هوندي هوند ڪڏهن به ظاهر نه ڪري سگهي! مطلب ته وقت جي نزاڪت ۽ ماحول جي مد نظر، انسان جي طبيعت ۾ تَغيّر اچي ٿو، جنهنڪري پنهنجي دلي ڪيفيت کي ڪن موزون، مناسب، سڪ ۽ سوز وارن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو. پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ سندس اهڙن جذبن کان ايتري قدر ته متاثر ٿئي ٿو، جو هو پڻ پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ ۾ تتو ٿو هڪي.

دنيا جي هر خطي ۾، اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا رهن ٿا، جي ماحول کي پنهنجي مناسب خيالن ۾ سمائيندا رهن ٿا. انسان پنهنجن خيالن جي وسعت آهر، جيڪي ڪَٿا ڪُڇڙيءَ ۾ اٿس، سي ڪيڏي نروار ڪري ٿو، ۽ مجلسن، محفلن ۽ ڪچهرين ۾ ڇهڇٽو مچايو ڇڏي. اهڙي قسم جي فن کي ”لوڪ ادب“ ٿي چئجي ٿو.

دنيا جي هر حصي ۾ هڪ اهڙو دور آيو، جنهن ۾ اتي جي لوڪ ادب جنم ورتو، ۽ پوءِ وقت جي رفتار سان هلندو رهيو.

رفتي رفتي ان ۾ ڪيترائي ڦيرا ايندا رهيا، ۽ عجيب عجيب عنوان پيدا ٿيندا رهيا، جنهنڪري چئجي ٿو ته هر قوم جو لوڪ ادب انهيءَ قوم جو آئينه دار آهي؛ ڇاڪاڻ جو، لوڪ ادب جو سماجي زندگيءَ سان گهرو تعلق آهي. لوڪ ادب سڀڪنهن ملڪ جي اصل ۽ نج شاعريءَ جو عام دفتر آهي، جنهن ۾ صاف ۽ پاڪ ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ عوام جي اخلاق، عادتن، ريتين، رسمن، تاريخ، فلسفي، سمجهه ۽ عقل جو سرمايو محفوظ آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته ان قوم جي رهڻي ڪهڻي ۽ هلت چلت ڪهڙي آهي. مطلب ته اهو سندن حيات جو آئينو آهي.

لوڪ ادب جي ارتقا ايتري قديم آهي، جيترو انساني تصور، تحقيق ۽ تجسس جي گهراين ۾ جهاتي پائي سگهي ٿو. مسٽر سجوڪ لکي ٿو ته:

"It is older than literature, older then alphabet; it is lore and belongs to the illiterate."

شري پياري لال، "شرنگار شاستر" ۾ لکي ٿو: "لوڪ ادب، پراچين ڪال کان هلندو اچي ٿو.(٢)"

جڏهن کان ونيءَ ماڻهن ۾ تحقيق جو شوق جاڳيو، تڏهن کان انهن لوڪ ادب تي پڻ تحقيق جو قلم کنيو. انهيءَ کان اڳ هر ملڪ ۽ قوم ۾ هن ادب کي جهنگليءَ يا اڻ سڌريل ادب جي ناليءَ سان سڏيو ويندو هو.

هر ملڪ جو لوڪ ادب اتي جي ملڪي حالتن پٽاندر هوندو آهي. ان ۾ پنهنجا پنهنجا عنوان ۽ پنهنجو پنهنجو مضمون

(١) نارائڻ پارتي: "هو جمالو"، ص ١٦.
(٢) عبدالڪريم سنديلو: "سنڌ جو سينگار"، ص ٩.

عنوان ۽ پنهنجو پنهنجو مضمون سمايل هوندو آهي، مگر انهيءَ هوندي به دنيا جي ٻين مشهور قديم فنن وانگر ڪي اهڙيون ڳالهيون به آهن، جي گهڻو ڪري هر ملڪ جي عوامي ادب ۾ هڪجهڙيون آهن. انهيءَ معيار کي اڳيان رکي، اسين پنهنجي سنڌي لوڪ ادب جو جائزو وٺنداسين ته اسان کي پتو پوندو ته سنڌي لوڪ ادب ڪيترو نه وسيع آهي جو نه رڳو من موهيندڙ ۽ وڻندڙ آهي، پر سک، سوز ۽ درد، محبت ۽ قرب سان ڀرپور آهي. منجهس ايترا ته عوامي عنوان آهن، جو دنيا جي ٻئي ڪنهن به لوڪ ادب ۾ ڪونه ٿا ملن. مطلب ته ايترو ته ڪشادو ۽ تونگر آهي، جنهن ۾ قسمين قسمين لوڪ ادب جو اڻکٽ خزانو موجود آهي، جنهن جي کوج ڪرڻ سان ئي پتو پوندو ته انهيءَ ادب تي ڪيڏي نه لَٽ چڙهي ويئي آهي، نه ته ٻيءَ صورت ۾ ان جو ڪاٿوئي ڪونهي! جيئن ته ڊاڪٽر واسديو لکي ٿو: ”لوڪ ادب اسان جي زندگيءَ جو مهاساگر آهي، جنهن ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل سمايل آهي (١)“.

مغربي اديبن پنهنجي لوڪ ادب کي سهيڙڻ ۽ سموهڻ جو ڪم سلسليوار گهڻيءَ مدت کان تمام سُوڌي ۽ سالم نموني ۾ ڪيو آهي، مگر اسان پنهنجي سنڌي لوڪ ادب کي، جو ٽڙيل پکڙيل آهي، اڃا ميڙي سيڙي يڪجاءِ نه ڪيو آهي. حقيقت ته اها آهي ته جيترو مواد هت اسان وٽ سنڌ ۾ آهي، اوترو دنيا جي ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ نه آهي. اسان جي لوڪ ادب ۾ ڪي ڪي اهڙيون ادبي چيزون (جن جو ذڪر اڳتي ايندو) موجود آهن، جن سنڌ سونهاريءَ جو ڪَرُ مٿي ڪنيو آهي. جيڪڏهن

---

(١) ٺارانڻ ڀارتي: ”سنڌي لوڪ ڪهاڻيون“، ص ٢٠

اسان جا اديب منڍ کان ئي جاکوڙ ۽ کوج ڪندا اچن ها، تہ اڄ اسان وٽ لوڪ ادب جون جملي گم شده ڇاڙهون موجود هجن ها. هيءَ جيڪا ڪوشش ڪيل آهي، سا پاءُ صدي (۲۵) سالن جي مس آهي. جيڪڏهن انگريزن جي اوائلي دور وارا اديب هن طرف توجه ڏين ها تہ ڪيترائي ادبي موتي ميڙي وٺن ها. وري بہ آفرين هجي اسان جي اديبن جهڙوڪ: سرگواسي پيرومل مهر چند آڏواڻي، ديوان ڪيولرام آڏواڻي، مرحوم علامه ڊاڪٽر دائود پوٽو، سيد عبدالحسين شاهه موسوي ۽ سندس ساٿي مسٽر محمد ابراهيم، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ مسٽر عبدالڪريم سنديلو، جن هن باري ۾ چڱي ميڙا چونڊي ڪئي آهي. انهن مان ڊاڪٽر بلوچ پاڻ پتوڙي چڱو مواد گڏ ڪري پاڻ موکيو آهي.

جيتري قدر معلوم ٿي سگهيو آهي، تنهن مان ڏسجي ٿو تہ عربن جو لوڪ ادب سڀ کان پراڻو آهي. عربن جي قديم، زباني توڙي لکيت واري، عوامي ادب جو زمانو ۵۰۰ع کان ۶۳۲ع تائين آهي. قديم عربي شعر گڏ ڪرڻ جي پهرين ڪوشش حمادالراويه (وفات ۷۷۴ع) ڪئي. ابن النديم واري زماني کان وٺي عربي لوڪ ادب کي گڏ ڪيو ويو (۱).

ٿامس پرسي پهريون شخص هو، جنهن انگريزي عوامي شاعريءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي. انهيءَ کان پوءِ اوڻيهين صديءَ جي شروعات ۾ 'سر والٽر اسڪاٽ' انگريزي عوامي شاعري کي عروج تي پهچايو. انهيءَ سلسلي ۾ پروفيسر ايف چائيلنڊ پڻ پاڻ چڱو موکيو، ۽ انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ جي لوڪ ادب جو مواد ميڙيو، جنهن تي انگريزي ساهت کي فخر آهي. ان ڪري

(1) Shipley Edward J. Junji "Encyclopaedia of Literature" P.210.

انگريزي اديب، دنيا کي للڪاري، فخريه انداز ۾ چون ٿا ته:
”ڪنهن به ملڪ جو مواد (گيت، گانا، ڏوهيڙا وغيره) اهڙو سنو نه آهي، جهڙو انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ جو.“

اهڙيءَ طرح سان دنيا جي ٻين ملڪن ۾ پڻ لوڪ ادب کي گڏ ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. هندستان جي مختلف ٻولين، جهڙوڪ: هندي، بينگالي، مرهٽي، گجراتي، اردو، مدراسي وغيره جي لوڪ ادب کي گڏ ڪرڻ لاءِ، ڪافي تحريڪون شروع ڪيون ويون. مطلب ته هر ملڪ کي پنهنجو لوڪ ادب آهي. جيڪڏهن ڪنهن به ملڪ جي ذهني، مذهبي، اقتصادي ۽ تمدني حالات جو جائزو وٺڻو هجي ته اتان جي ”لوڪ ادب“ جو گهرو مطالعو ڪجي؛ ڇاڪاڻ ته لوڪ ادب، عوام جي دل جي ترجماني ڪري ٿو. جو ڪجهه گذريو آهي يا گذرندو رهي ٿو، سو پڻ لوڪ ادب ۾ ايندو رهي ٿو. هن ادب ۾، عوام جي اُمنگن ۽ جذبات جو اظهار هوندو آهي، ۽ هي ئي ادب خاص ڪري ٻهراڙين جي عوام لاءِ وڏي وندر ۽ وروونهن آهي، پر هن کي معياري ادب کان ڇني ڌار نٿو ڪري سگهجي. ”لوڪ جو ادب ئي ملڪ جو ادب آهي ۽ معياري ادب پڻ لوڪ ادب جي پيدائش آهي.(۱)“ ائين ڪٿي چئجي ته لوڪ ادب، عوام جي ڳڻ ڳوت جو آئينو آهي ته بلڪل ٺيڪ ٿيندو. هن ۾ ماحول جي سچي ۽ سچي تصوير چٽيل رهي ٿي. هن ۾ امانت با سلامت رکيل آهي. مطلب ته اهو هڪ محفوظ دفتر آهي، جنهن ۾ وقت جي سچي تاريخ سمايل آهي.

لوڪ ادب جي فني نقطه نظر بيان ڪرڻ کان اڳ ”لوڪ“ لفظ جي ڪن غلط فهمين کي دور ڪرڻ ۽ انهن جي سمجهاڻي

(1) Encyclopadia Britannica Vol: P.445.

ڏيڻ ضروري آهي . ”لوڪ“ سنسڪرت لفظ آهي ، جنهن جي معنيٰ آهي ”ماڻهو“. ”لوڪ“ لفظ انگريزي ۾ فوڪ (Folk) ٿيو آهي ، جو ائنگلو سيڪسن لفظ آهي ، جرمن زبان ۾ وري (Volk) ٿيو آهي . سنڌيءَ ۾ لفظ لوڪ مروج آهي . هـت ” لوڪ“ ڪشادي معنيٰ ۾ ورتل آهي ، يعني عوام . انهيءَ ڪري لوڪ ادب معنيٰ عوامي ادب. جيئن تہ لوڪ ادب کي انگريزيءَ ۾ (Folk literature) چئجي ٿو ، انهيءَ لحاظ کان سنڌي ”لوڪ“ ۽ انگريزي فوڪ لفظ ۾ تمام اڻ لکو فرق آهي ، جو ڪيترائي ماڻهو عام طرح سان انهيءَ غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن تہ سنڌي ” لوڪ “ انگريزي لفظ (Folk) مان نڪتل آهي ، جيڪو وري ائنگلو سيڪسن لفظ “Folk” مان نڪتل آهي ، ۽ انهيءَ کي جرمن ۾ (Volk) ٿو چئجي . مگر در حقيقت ائين بلڪل نہ آهي . انگريزي فوڪ لور (Folk Lore) جو لفظ گهڻو پوءِ ، ١٨٣٧ع ۾ ، وليم جان ٿامس ايجاد ڪيو (١).

سنڌي لفظ ”لوڪ“، سنڌي زبان ۾ قديم زماني کان وٺي موجود آهي. سنڌي ”لوڪ“ ۽ انگريزي ”Folk“ فقط هڪ اتفاقي مناسبت آهي . سنسڪرت ٻوليءَ ۾ پڻ لفظ ”لوڪ“ موجود آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”جن“ يعني عام ماڻهو (2).

”يوگل ڪوش“ جي سَنَدَ موجب لوڪ ٽن قسمن جا آهن . مگر هو لکي ٿو تہ ڪن راين موجب ، اهي چوڏهن قسمن جا آهن ، جن مان ست اوچ ۽ ست نيچ آهن . سنڌي ٻوليءَ ۾ ”لوڪ“

---

(1) Encyclopadia Britannica,P 358.

(2) Pandit Vayas G.D. Yugal Kosha 394.

لفظ پنهنجي موجوده صورت ۾ قديم زماني کان وٺي موجود آهي انهيءَ جو ثبوت اسان کي سنڌي ادب جي قديم شاعرن جي ڪلام مان ملي ٿو. انهن ڳالهين جي بنا تي خاطريءَ سان چئي سگهبو ته ”لوڪ“ نج سنڌي لفظ آهي، جنهن کي پراڪرت ۾ ”لوگ“ چيو وڃي ٿو، ۽ انگريزي لفظ ”Folk“ سان معنيٰ ۽ صورت جي لحاظ کان فقط هڪ اتفاقي هڪجهڙائي آهي.

اهو لفظ سنڌيءَ ۾ سومرن جي دور واري شاعر پير صدرالدين (١٢٩٠ع - ١٣٠٩ع) جي ڪلام ۾ پهرين پهرين ملي ٿو(١). هو فرمائي ٿو: ”ڪپاٽيٺين ڪيتو جڏهن ستو لوڪ“ اهڙيءَ طرح قاضي قاضن (وفات ١٥٥١ع) جي ڪلام ۾ به اسان کي لوڪ لفظ نهايت ٺئي واضح معنيٰ سان ملي ٿو: ” لوڪان نحو صرف، من مطالع سپرين.“ انهيءَ کان به وڌيڪ وضاحت سان ”لوڪ“ لفظ سنڌي ادب جي ”وهائو تاري“ يعني سيد سونهاري شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ڪلام ۾ چئن هنڌن استعمال ٿيل آهي؛ جيئن ته:

(I) هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ گڏجن لوڪ (بيت ٧ )

(II) سڪڻ سپرينءَ کي، ۽ لاڳاپا سين لوڪ (بيت ٢٧)

(III) جي لياڪا لوڪ ڏنهن، جان جان سي لتاء (بيت ٣٧)

(VII) تاڙي جي لاهين، ته اجارو لوڪ ٿئي. (بيت ٨٥)

انهن مٿين مثالن مان بخوبي ظاهر آهي ته ”لوڪ“ جي معنيٰ آهي ”عوام الناس“. هن لفظ کي سنڌي زبان ۾ نهايت ٺئي اهم ۽ امتيازي حيثيت حاصل آهي. اهو لفظ سنڌي زبان جو هڪ

(١) خواجه غلام علي الانا: مقالو: ”سومرن جي دور جي سنڌي شاعري“، ٽه ماهي ”مهراڻ“، نمبر ١-٢، ١٩٦٠ع، ص

اهڙو تہ منڙو ۽ سپاجهڙو آهي، جنهن جو سنڌ جي ڪنهن بہ خاص طبقي سان نہ، مگر پوري سنڌي عوام سان لاڳاپو آهي. جيئن شاهہ صاحب هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

ننگا آهيون نـگيا، اسين مارو لوڪ،
تر ڪي پانيون ٿوڪ، جو ڏيڪ ڏاتيئڙن جو.

شاهہ صاحب جي ڪلام ۾، لفظ "لوڪ" تمام گهڻا ڀيرا استعمال ٿيل آهي. مطلب تہ "لوڪ" معنيٰ آهي، عام سنڌي يا عوام.

اهڙيءَ طرح لوڪ ادب معنيٰ: اهو ادب جنهن ڪي سنڌي عوام پيدا ڪيو؛ جنهن جو مؤجد يا مصنف هڪ عام سنڌي آهي. ان جا عنوان عوام جي زندگي، سندن دلچسپي ۽ ثقافت سان تعلق ٿا رکن، ۽ انهيءَ ادب کي جڙتو پالش جو واءُ بہ ڪونہ لڳو آهي. اهو سنڌ جي عوام جي تهذيب و تمدن، رهڻي ڪهڻيءَ ۽ رسم و رواج جو بهترين ترجمان آهي؛ منجهس نقالي نہ، مگر اصليت ۽ صداقت آهي.

انهيءَ عوامي شاعريءَ جا مڌر نغمگي ۽ هم آهنگيءَ جي بهترين خزاني سان پرپور آهن؛ هن ۾ نہ لفظن جو اجايو اڊنبر، نہ عربي فارسي تشبيهون ۽ نہ بحر وزن جي پابندي. هن ۾ رس رهاڻ، راحت ۽ رواني، لئي ۽ نماڻائي سمايل رهن ٿا. هن جو لاڳاپو دل سان آهي ۽ نہ دماغ سان. لفظن جي ڀَڃَ ۽ جڙاوت دماغي پورهئي جي علامت آهي، پر لوڪ ادب دل جي ڏُکَ آهي؛ قلب جي مٺي ڪوڪ آهي، من جي مانيٽي ڦوڪ آهي، چاڪاڻ تہ هُن (سگهڙ) خاموش مبصر جي حيثيت ۾ جو ڪجهہ ڏٺو، سو اچانڪ چئي ڏنو.

## باب ٻيو

## لوڪ شاعري

هر ملڪ جي لوڪ شاعريءَ تي ملڪي حالتن مطابق، اتي جو مڪاني رنگ چڙهيل هوندو آهي؛ مگر انهيءَ هوندي به ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي هر انساني گروه، ۽ هر قوم جي لوڪ ادب ۾ هڪجهڙيون آهن. مثلاً:

١. هر ملڪ جي لوڪ ادب ۾ شاعر يا انهيءَ جي مُوجد جي شخصيت عدم موجود هوندي آهي. مثال طور، اهو چئي نٿو سگهجي ته ڪو خاص ڳيچ يا لاڏو، يا ٻئي قسم جو اهڙو شعر اصل ۾ ڪنهن چيو؟ يا ڪو خاص پهاڪو ڪيئن وجود ۾ آيو؟ يا دودي چنيسر، ۽ ساموين جا بيت ڪنهن چيا؟ يا ٻين انيڪ قسمن جي لوڪ ادب جا نمونا، ۽ قسم ڪيئن پيدا ٿيا، ۽ ڪٿان آيا ۽ ڪيئن سندن ابتدا ٿي؟ انهن سڀني حالتن ۾ يقين سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي. مطلب ته لوڪ ادب ۽ اُن جي ابتدا جي وقت جو صحيح اندازو لڳائڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

٢. لوڪ ادب جو عام ماڻهن ۾ وسيع ڦهلاءُ هئڻ سبب، انهيءَ جي روائيتن ۾ تمام گهڻا ڦيرا ايندا رهيا آهن. قديم زماني کان وٺي شاهه لطيف جي زماني تائين اهو ڦيرگهير جو سلسلو جاري رهيو آهي، ايستائين جو شاهه صاحب جي ڪيترن بيتن جون بيشمار پڙهڻيون مختلف نسخن ۾ موجود آهن. مطلب ته دنيا ۾

لوڪ شاعريءَ جو نمونو زماني جي انقلابن ۽ تحريڪن ۾ وڌبو سڌبو ويڙهبو سيڙهبو اڳتي هلندو رهيو آهي.

لوڪ شاعريءَ جي ابتدا جي باري ۾ پڻ عالمن جا ڪيترائي رايا آهن. مسٽر بولٽهم جي راءِ موجب، "اول اول ڪو هڪ ماڻهو ڪو گيت ڳائي ٿو يا چوي ٿو، ان بعد سندس پويان ٻيا جيڪي به ان گيت کي ڳائين ٿا، سي گيت جي انهن ڳالهين کي ڦيرايو ڇڏين، جيڪي کين ياد نٿيون رهن يا کين پسند نٿيون اچن (١)". پروفيسر چائيلڊ انهيءَ باري ۾ ڪافي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته، "لارڊ وليم گرم جي راءِ موجب، 'لوڪ گيت خودبخود وجود ۾ ڪو نه آيا آهن. جيئن ٺيڪ ڪنهن خاص ماڻهو ۽ نه عوام انهن کي ناهيو آهي، مگر انهيءَ هوندي به مصنف جي شخصيت جو انهن ۾ نام و نشان به ڪو نهي" (٢)؛ هو اڳتي لکي ڏئي ته، "قديم زماني جي ماڻهن جو لفظ 'شاعر' ۾ ايترو اعتقاد ڪو نه هو، پوءِ کڻي اهو چارڻ هجي يا ڪو ٻيو."

هتي هيءَ ڳالهه واضح ڪرڻ لازمي آهي ته، چارڻن ۽ ڀٽن جو لوڪ شاعريءَ جي تخليق ۾ نه، ته به آن کي زنده رکڻ ۾ وڏو هٿ هو. اهي چارڻ ۽ ڀٽ فقير ئي هئا، جن سنڌي لوڪ ادب جي شعرشاعريءَ کي زنده پئي رکيو آهي.

سنڌي لوڪ ادب جي ڪيترن ئي صنفن بابت اسين بلڪل ڪجهه نٿا چئي سگهون ته اهي ڪنهن جي ايجاد آهن، مثلاً، ماءُ پنهنجي ٻچ کي راند ڪرائيندي يا سمهڻ وقت لولي ڏيندي، جهونگاريندي آهي:

---

(1) Chambers Encyclopaedia, P 665.
(2) Child, F . J, English and Scottish Popular Ballads, " P .23.

جهڙو جهڙو ساتي، جهڙن اسان جي گهاتي،
سون جو نهيلو، رپي جي منڊاڻي (١)،
چڪ ولوڙي، ڪڪي جي راڻي.

---

عاج دي گهوڙي، چنڻ دا پينگها،
تنهن وچ نڌدا هي آپ رسول،
ڪلام سچا دين نبي دا هي نور،
نورؤن پاڪ هي نور- لاالله الاالله.

مطلب تہ، سنڌي لوڪ ادب جي سيني صنفن جهڙوڪ وائي، ڪافي، ڏوهيڙو، معما. پرولي، ڳجهارت، پهاڪا، هنر، ڏور، مولود، تيهہ اکريون، ڏٺ، هنتا- ڏينهن- راتيون، لولي، دراهو، ڏهس، ست سري، جمالو، مانجهيڻو، چلڙو، وغيره ۾ انهيءَ ادبي صنف جي جوڙيندڙ ۽ وقت جو اندازو لڳائڻ بلڪل ناممڪن آهي. انهن صنفن کي پکيڙڻ ۽ پڌري ڪرڻ لاءِ، وري سگهڙ، سالڪ ۽ شاعر پنهنجي پنهنجي رمزن ۾ نروار ڪن ٿا.

”عام لوڪ ادب“ کي ڇڏي، جي پنهنجي معياري ادب جو جائزو وٺنداسين، تہ اسان کي بہ شروعاتي دور ۾ اهي ئي ساڳيون ڳالهيون ڏسڻ ۾ ايندين، جيئن دودي چنيسر جي قصي وارن بيتن بابت مختلف رايا آهن: ڪيترن عالمن جي راءِ آهي تہ اهي بيت سومرن واري دور جي ئي پيداوار آهن؛ ٻيا اديب هن راءِ جا آهن تہ اهي بيت سومرن واري دور کان گهڻو پوءِ پٽن، چارڻن يا ٻين سگهڙن جا چيل آهن. بهر حال انهيءَ اختلاف جو خاص

---

(١) نهيلو = نتهيرو.

سبب هي آهي، جو انهن مان گهڻن بيتن جي پراڻين روايتن ۾ ڪنهن به شاعر جو نالو، يا سندس تخلص جي ڪا به نشاني ڪانه ٿي ملي. مثال طور هيٺيان بيت پيش ڪري سگهجن ٿا:

جو نه ڪَتن ڪنگرئين، راو نه ڳنڍين ويڙ،
گولي ويندي گجرئين ته به چوُندا دودي پيڙ.

---

لوڪ ته لڳي آنبرين، قــوڪ ته لڳي واءُ،
ستان پنهــي ڳــالهين، هٿ نه اچي ڪاءُ.

اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي اوائلي بيت آهن، جن مان شاعر جو نالو يا ان جي شخصيت بابت ڪو به پتو پئجي نٿو سگهي، بلڪ ائين به يقين سان چئي نٿو سگهجي ته اهي بيت ڪهڙي دور ۾ چيا ويا.

اهيئي سبب آهن جو اسان مان گهڻا اهڙن بيتن جي قدامت کي شڪي نظر سان ڏسن ٿا، مگر سڀني ٻولين جي اوائلي ادب جو اهوئي ساڳيو حال آهي. مسٽر اڊو ن روئيڊر لکي ٿو ته، ”لوڪ شاعريءَ جي مختصر تعريف هيءَ آهي ته اها عوام جي پيدائش آهي... شاعر جو نالو يا ته نامعلوم آهي، يا ته بلڪل غير متعلق آهي.“(١)

ساڳيءَ طرح اسان وٽ ماموين جا بيت موجود آهن، جن لاءِ هيءَ روايت آهي ته اهي بيت ماموئي فقيرن سرڻ وقت چيا آهن. ڪي وري هن خيال جا آهن ته ٻئي ڪنهن شاعر انهيءَ قصي کي اثرائتي ڪرڻ لاءِ اهي بيت چيا آهن. اهڙيءَ طرح مخدوم احمد ڀٽي (٩٣٠ هجري) جي احوال ۾ به بيت ملن ٿا، مگر سندس احوال مان اها ڳالهه واضح نٿي ٿئي ته، اهي بيت، جيڪي

---

(1) shipley Encycopadia of Literaturen, Vol. I ,P 358.

نيرن ڪوٽ (هاڻي حيدرآباد) وٽ، هڪ سوناري ڇوڪري سماع ۾ ڳايا هئا، ۽ جن جي ٻڌڻ سان، مخدوم احمد ڀٽيءَ جو روح پرواز ڪري ويو، سي اصل ۾ ڪنهن جا ٺاهيل هئا. انهيءَ سوناري ڇوڪري جا، يا ٻئي ڪنهن شاعر جا؛ يا خود احمد ڀٽيءَ جا؟ انهيءَ ڳالهه جو پورو پتو نٿو پوي؛ جيتوڻيڪ اهي بيت فقط انهيءَ قصي جي بنا تي مخدوم احمد ڀٽيءَ جي نالي سان منسوب ڪيل آهن. اهي بيت هي آهن:

سڏ سڻي پريـنءَ جو، وانگي جي نـه ورن،
ڪوڙي دعوىٰ دوست جي، ڪجاڙي ڪي ڪن،
سر ڏيئي سٽ جـوڙ، ڪنهن پر ڪلاڙن سين،
مرڻا منهن م مـوڙ، اڄ وَٽـي ٽي وَڏ لـهي.

پويون بيت، هيٺئين نموني ۾ شاهه صاحب جي رسالي سرڪلياڻ ۾ پڻ موجود آهي:

سر ڏيئي سٽ جـوڙ، ڪنهن پر ڪلاڙن سين،
ڪاتي ڪرت ڪپـار ۾، خنجر آڏـي ڪوڙ،
مرڻـا منهن م َ مـوڙ، وٽـي ٽـي وڏ لهي.

اهي ته آهن شڪ وارا مثال، مگر جن اوائلي شاعرن جي ڪلام بابت يقين سان چئجي ٿو ته سندن آهي، مثلاً: قاضي قاضن ٺوڙي شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، تن جي به ڪنهن به بيت ۾ سندن نالو موجود نه آهي.

انهن مثالن مان ظاهر آهي ته قديم زماني ۾ شاعر جو پنهنجي نالي ۾ ايترو اعتقاد ڪونه هو. خود شاهه صاحب جي رسالي ۾ پڻ ڪيترن ئي اهڙن شاعرن جو ڪلام موجود آهي، جن بابت ڪوبه پتو پئجي نٿو سگهي. يا ته وري اهڙا به شاعر

آهن، جن پنهنجين ذاتين ۾ پنهنجو تخلص چاتائي . بيتن ۾ وڌو آهي ، جهڙوڪ کتي، ڌوٻي ، لوهار ، وغيره . پير حسام الدين راشدي انهن لاءِ لکي ٿو ته، ”اهي سڀ عوامي شاعر آهن ، جن جو ڪوبه تخلص ڪونهي(١).

شاهه صاحب جي رسالي جا قديم ڇاپا، انهن عوامي شاعرن جا سرچشما آهن . ان جو اهو مقصد نه آهي ته جنهن ڪلام يا شعر ۾ شاعر جو نالو آيل آهي، تنهن کي لوڪ ادب جي دائري مان خارج سمجهڻ گهرجي ، ڇاڪاڻ جو معياري ادب ۾ (جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) اڪثر سڀني شاعرن جي شخصيت موجود آهي . جيتوڻيڪ انهن ۾ ڪي اهڙا به شاعر آهن ، جن جي باري ۾ سندن نالي کان سواءِ ٻيو ڪو به پتو پئجي نٿو سگهي .

عام طرح سان ائين چيو ويجي ٿو ته ، ” لوڪ شاعري کي تمام وسيع معنئ ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي . ايتري قدر جو انهيءَ ۾ نه فقط سچو پچو قديم روايتي يا زباني شعر شامل هجي ، مگر اهي سڀ عوامي ڪردارن ، ۽ مضمونن وارا راڳ ۽ گيت شامل ڪرڻ گهرجن ، جيڪي عام طرح سان انهيءَ ملڪ جا ماڻهو دلچسپيءَ سان ڳائين ، ۽ وڄائين ٿا ؛ ۽ انهيءَ شاعر کي اتي جي عوام ۾ مقبوليت حاصل هجي ، پوءِ کڻي اها شاعري ڪيتري به جديد قسم جي هجي ، ۽ انهيءَ جي پلاٽ، خيال ۽ ساخت ۾ ڪيتري به جدت هجي.“ مطلب ته لوڪ شاعري اسين انهن سڀني قديم توڙي جديد شعرن کي چئي سگهون ٿا، جيڪي عوام جي دلچسپيءَ جا آهن ۽ جيڪي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهن: انهن ۾

---

(١) پير حسام الدين شاهه راشدي : ’سندهي ادب“ اردو، پاڪستان پبليڪيشنز، ص ٣٤.

عوامي زندگي ۽ تهذيب و تمدن سان تعلق رکندڙ عنوان موجود آهن؛ بشرطيڪ اهي مصنوعي نہ هجن، ۽ لفظي پيچ گهڻ کان صاف پاڪ هجن، ۽ انهن جي بناوت ۾ سادگي ۽ رواني هجي. انهن جي زبان سنڙي ۽ دلچسپ هئڻ گهرجي. انهيءَ سلسلي ۾ رالف وليم پنهنجو نظريو قائم ڪندي لکي ٿو، "مگر حقيقت ۾ انهن پڻ مختلف درجن واري شاعريءَ ۾، سچو پچو بنيادي فرق اهو آهي، جيڪو صحيح معنيٰ ۾، جرمن پنهنجي "Volk Shied., ۽ "Volk Slimlichesterd,, ۾ قائم رکيو آهي. پهرينءَ حالت ۾ (يعني جديد شاعريءَ ۾) اسين تاريخ جو اندازو لڳائي ٿا سگهون، ۽ انهيءَ جي موجد يا شاعر بابت پڻ معلومات حاصل ڪري سگهون ٿا، مگر لوڪ گيت جي تاريخ جي ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي. سچ پچ تہ لوڪ گيت نہ نئون آهي، ۽ نہ پراڻو آهي. اهو هڪ جهنگلي وڻ مثل آهي، جنهن جون پاڙون ماضيءَ جي گهراين ۾ بيحد اونهيون آهن؛ مگر ان سان مستقبل طرح سان نيون نيون شاخون ۽ ڏار پيا ڦٽن، نوان نوان پن پيا نڪرن ۽ نوان نوان گل پيا پيدا ٿين." هو اڳتي هلي لکي ٿو، "لوڪ گيت جي سهيڙيندڙ کان عام طرح سان ماڻهو، انهيءَ زماني يا دور بابت سوال پڇندا آهن، جڏهن وقت جو سوال (لوڪ گيت جي حالت ۾) تمام اهم آهي، يا موزون ۽ مناسب آهي. پيا وري هيءَ راءِ ٿا ڏين تہ، لوڪ گيت جا مصنف، روائتي ڀٽ يا چارڻ ئي آهن. هن باري ۾ اهو چئي ٿو سگهجي تہ، شايد اهو ممڪن هجي تہ، ڪنهن حد تائين لوڪ شاعريءَ جي ڪيترن عنوانن کي، ڀٽن يا چارڻن ئي ناهيو هجي؛ مگر انهيءَ جي باوجود انهيءَ شاعريءَ جي بنيادي يا فني خوبيءَ کي هرگز نظرانداز ڪري نٿو سگهجي.

لوڪ گيت ۾ ، ڪنهن به " دور" يا " مصنف "کي خاص اهميت نہ آهي ، مگر فطري بيهڪ ۽ خوبصورتيءَ کي اهميت آهي".(١)

انهيءَ نڪته' نظر کان، سنڌي لوڪ شاعريءَ کي ٽن مختلف حصن يا دورن ۾ ورهائي ٿو سگهجي : هڪ اهو دور، جنهن ۾ شاعر جي شخصيت جي پوري خبر پئجي نٿي سگهي، ۽ جنهن جي وقت بابت يقين سان ڪا راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي. ٻيو اهو دور، جنهن ۾ شاعر جي شخصيت موجود آهي، ۽ ٻين فني نڪتن کان اهو لوڪ شاعريءَ جي دائري اندر آهي ، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف - جيڪو سنڌ جي شاعرن جي آسمان جو آفتاب آهي - جو ڪلام پڻ اچي وڃي ٿو ، ٽيون ڪاڻ جو اهو "لوڪ " ئي آهي ، جنهن شاهه جي ڪلام کي جيءَ ۽ جان سان جڙي ، زنده رکيو آهي، اڄ به ڪيترائي ڀٽائيءَ جا راڳيندڙ فقير آهن، جن کي شاهه جو سارو رسالو ياد آهي ، مطلب تہ سنڌس بيت ۽ ڪلام جهرين جهنگين ، ٿرين بَرين ، ڳوٺن ، واهڻن ۽ وسين ۾ جهونگاريو ۽ ڳايو وڃي ٿو . سنڌس بيتن مان ڪي اهڙا به آهن، جي مختلف پڙهڻين سان مختلف روايتن ۾ موجود آهن .

سنڌي زبان ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام اهڙو بلند معيار آهي، جو انهيءَ جي مقابلي ۾ ڪنهن به ڪو انهيءَ کان وڌيڪ بلند معيار وارو شعر چئي نٿو سگهي . شاهه صاحب جو رسالو ، سنڌي زبان جو اڻ کٽ خزانو آهي ، جنهن سنڌي زبان کي اجاري اچو ڪيو آهي ۽ بيشڪ شاهه سنڌي عوام جو محبوب شاعر آهي .

(1) Encyclopedia Britannica Vol. 9, Page 444.

انگريزيءَ جو مشهور مصنف ايڊيسن هڪ هنڌ عام شاعريءَ بابت لکي ٿو : ” اها عوام جي محبوب شاعري آهي“. (١) لوڪ شاعريءَ جو دائرو ، عوامي زندگيءَ جي ڪنهن خاص موضوع سان به آهي ؛ ته ڪنهن قصي ، ملڪي رسم و رواج يا ڪنهن رواجي مقصد يا مدعا سان به آهي . انهيءَ جون مصرعون اهڙيون ته تڪيل توريل هونديون آهن جو زباني طرح سان چوڻ يا پڙهڻ ۾ بلڪل موزون پيون لڳنديون آهن ۽ انهيءَ جو اظهار يا ادائگيءَ ۾ ڪنهن مصنوعي فڪر جي نزاڪت جي بوءِ به نه هوندي آهي . اهو شعر آسانيءَ سان ڳائي سگهبو آهي . انهيءَ جي وزني ساخت ۾ ڪا به نقالي نه هوندي آهي ، جيئن ته ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ، ” عام جا شاعر، اصلي ۽ نج ٻوليءَ جا آبا آهن“ ٻئي هنڌ لکي ٿو ، ” عام شاعري ، لغت جي اڻ ڪٽ ڪاڻ آهي . عام جو شاعر ، سر زمين سنڌ جي هر خطي ۽ ماحول جو نيپاج آدي .“ (٢)

حقيقت ۾ سڀ ڪنهن ياڱي ، يا ملڪ ۾ عام شاعري ، انهيءَ ملڪ جي حيات جو آئينو آهي . جيئن حضرت عمر فرمائين ٿا : ” عربي عام شعر ، عربن جي عوام جو دفتر آهي . “ عام جي شاعري بظاهر سادي آهي ، پر منجهس تخيل جي بلندي ۽ فڪر جي گهرائي ڇتي ڏسبي ، : ان جا ٻول مٺا ، دلڪش ۽ من موهيندڙ ؛ سٽاءُ بلڪل سهڻي ، سادي ۽ فطري آهي .

جيتوڻيڪ سادي وزني سٽاءَ ۽ فطري ساخت هن شاعريءَ کي جديد يا معياري ادب کان الڳ ڪري ٿي ، مگر تنهن هوندي به

---

(1) Addison: Spectator (1711 A.D)

(٢) ڊاڪٽر بلوچ : پيلاين جا ٻول (پهريون ڇاپو) صفحو ١٣ - ٥

ڪيس انهيءَ ادب کان چني ڌار نٿو ڪري سگهجي ؛ ڇاڪاڻ تہ جديد يا معياري ادب جو پايو وجهندڙ، عام شاعرئي آهي. شاعري هڪ اعليٰ ۽ عجيب فن آهي، جنهن جا عنوان ۽ فن گوناگون شاخن ۾ پکڙيل آهن. لوڪ ادب جون اڪثر صنفون دنيا جي سڀني ٻولين ۾ هڪ ٻئي جي ادب سان گهڻي مشابهت رکن ٿيون. انهيءَ تناسب جو تعلق، جيڪو هن ادب جي نموني کان وڌيڪ مفهوم ۾ سمايل آهي، تنهن مان ئي لوڪ ادب جي صداقت جي پروڙ پوي ٿي. جديد شاعريءَ جي مضمون ۽ وزني سٽاءُ ۾ نقالي آهي، مگر لوڪ شاعريءَ ۾ اصليت آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ ساده مزاج قديم ملڪي فن سمايل آهي. اهو موجوده وقت جي ”فنڪار“ جي، انهن ڪارنامن کان هزارها دفعا بهتر آهي، جنهن کي اسين 'جديد شاعري' ٿا چئون. لوڪ شاعريءَ ۾ ساخت، سٽاءُ ۽ ترتيب جي آزادي هئڻ سبب، منجهس رواني، سلاست ۽ سَلُوڻائي حد درجي جي آهي. اهو شعر، ايترو تہ سليس سادي بناوت وارو آهي، جو ڏسڻ يا پڙهڻ سان هرهڪ ائين محسوس ڪندو تہ هو اهڙا هزار شعر ناهي سگهي ٿو. پر جنهن وقت اهڙي قسم جي ڪوشش ڪري ٿو تہ هڪ سٽ بہ اهڙي تيار ڪرڻ مشڪل ٿيو پويس؛ ڇاڪاڻ جو خيال جي بلند پروازي کي پهچڻ ۽ انهن کي سليس لفظن ۾ ادا ڪرڻ، هر ڪنهن جو ڪم نہ آهي. سادي ۽ فطري سٽاءَ سبب، منجهس جيڪو رس ۽ ميٺاج آهي، تنهن کي سازن جي سُرن سان ملائڻ وقت، سندس نزاڪت ۽ ڪشش ٻيڻي ٿي پوندي آهي.

لوڪ شاعري سنڌو ماتريءَ جي ڳوٺن واهڻن وَسين، ۽ جهنگن ۽ جهوپڙين جي پيدائش آهي. جيئن تہ مسٽر عطاحسين شاهہ موسوي

لکي ٿو: ”سنڌ جو شعر، ڪارين ڪٿين پهريندڙن ۽ تڏن تي ويهندڙن وٽان نڪتو آهي.“ ٻئي هنڌ لکي ٿو، ”سنڌي علم، جيڪو پراڻين پوٿين ۽ پٿين ۾ پيل آهي ۽ رلين ۽ گودڙين ۾ لڪل آهي، تنهن کي اسان جا اديب ظاهر ڪري، سنڌ کي سرخرو ۽ سونهارو ڪندا.“ (١)

سنڌ جي لوڪ شاعريءَ ۾ ڪا به ناهَنوهه يا بناوت نه آهي. ان ۾ تڪلف جي ته بوءِ به ڪانهي. عام لوڪن، پنهنجي دل جي جذباتن ۽ امنگن کي پنهنجي ماحول مطابق، پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جي روشنيءَ ۾، روزمره جي سادي سلوڻي سِڪ، محبت ۽ قرب، سليس ۽ مٺڙي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن جي جهونگارڻ سان نه صرف جهانگين جا جذبات اڀرن ٿا، مگر شهرين جون دليون پڻ امنگن سان اڀريو اچن. انهن ئي گيتن ۾ لوڪن جي معصوميت سمايل آهي ۽ انهن جي گيتن ۾ سنڌن فن جي انتها آهي. انهن ئي گيتن ۾ سنڌن فني ۽ ادبي لياقت ۽ سنڌيت جو مهراڻ موجزن آهي. اهي ئي گيت ۽ فن، سنڌن زندگيءَ جو آئينو آهن، سنڌن تهذيب جا سرچشما آهن. انهن ۾ ئي صداقت ۽ اصليت چانيل آهي. انهن سيني خوبين سان گڏوگڏ منجهن سوز ۽ درد، هم آهنگي ۽ نغمگي آهي، جنهن انهن جي عظمت کي اڃا به ٽانهون ڪري چڙهيو آهي. صدين گذرڻ بعد به سنڌن مضمون هر زماني جي ماحول ۽ وقت ۾ بلڪل حالتن مطابق پيو لڳي.

سنڌي لوڪ شاعريءَ تي جيڪڏهن نظر وجهبي ته ڏسبو ته

(١) عطا حسين شاهه موسوي ”سڳنڌ“، ديباچو، صفحو ٢٩-٣٠

سيني شعبن، شغلن ۽ شين جهڙوڪ، ريتن رسمن، سورهيائيءَ، سچائيءَ، سخاوت، گهوڙا ٻيڙا، جانور وغيره ۽ زندگيءَ جا جذباتي پهلو مثلاً، عشق، حسن، ڏک، درد ، جهيڙن جهڳڙن تي عام شاعرن پنهنجا قسمين قسمين جا راز پلئي سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي دفتر کي پنهنجي عوامي شعر ۾ پوريءَ طرح سان محفوظ ڪيو آهي . لوڪ شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جي فن جو هڪ اهڙو ته شاندار ۽ چٽيل آهي ، جنهن تي سنڌس مستقبل جي واڌاري جو وڏو دارو مدار آهي.

عام طرح ڏٺو ويو آهي ته ، نه صرف لوڪ شاعريءَ، مگر لوڪ ادب جي سيني صنفن جي لاءِ، هر جُوءِ يا خطي ۾ مختلف روايتون ملنديون آهن . اسين رڳو جيڪڏهن سنڌي زبان جي لاثاني شاعر شاهه لطيف جي بيتن تي نظر وجهنداسين ته پتو پوندو ته شاهه صاحب جي ڪيترن بيتن جي پڙهڻين ۾ تمام وڏو فرق آهي . ڪنهن بيت جي ڊاڪٽر ٽرمپ هڪ پڙهڻــي لکي ٿو ته بمبئي ڇاپي ۾ آن لاءِ ٻي پڙهڻي ٿي ملي ، ۽ ڪيترن قلمي نسخن ۾ وري انهن کان ٻه مختلف پڙهڻي تي ملي . مطلب ته ڪي اهڙا بيت ٻه رسالي ۾ موجود آهن ، جن جي پڙهڻين ۾ ٿورو گهڻو فرق موجود آهي . مثال طور سُر ديسي جي پنجين داستان جو ٻارهون بيت ، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هن صورت ۾ ڇپاريو آهي :

ڇپــر ۽ چمــر ٿــا لڳــه لڳــن پــاڻ ۾ ،
آڏا ڏونــگر ڪرڪرا ، ويــڌ ونگــايون ور ،
آءٌ پــيــادي پــتــين ، نــمــاڻــي نــڌر ،
سوريون جت سگر ، ات ٻاتاڙي پيلي ٿئين .

مٿئين بيت جي ڪيترن لفظن ۾ ايترو ته ڦيرو آهي ، جو مختلف رسالن جي پڙهڻين موجب ڪنهن حد تائين معنيٰ به ڦريو ٿي

وجي . مثلاً: بمبئي ڇاپي ۾ ٻي مصرع هن ريت آهي :

ڏاڍو ڏونگر لڪيون، ونڊر آڙانگا ور .

ٽرمپ صاحب آخري سٽ کي هن ريت لکيو آهي :

سوري جت سگر، ات پاتاڙين پيلي ٿئين .

۽ ٻئي هنڌ وري هن ريت آهي :

سوڙهي جت سگر، ات پاتاڙين پيلي ٿئين .

اهڙيءَ طرح ٻين قلمي نسخن يا ڇاپي نسخن جي ڪيترنئي لفظن ۾ ٿورو گهڻو ڦير ملي ٿو، جيڪو بلڪل فطري آهي؛ ڇاڪاڻ جو جنهن زباني روايت موجب ڪنهن بيت کي نقل ڪيو ويو، انهيءَ جاءِ تي لفظن جي ضرورت اهائي رهجي ويئي . اڄڪلهه به اسين جيڪڏهن ڪنهن ڳائڻي کي ڪو بيت ڳائيندي ٻڌنداسين ته يقيناً اهو ڳائڻو ضرور انهيءَ بند کي پنهنجن لفظن ۾ پيش ڪندو.

اهو ته ٿيو شاهه صاحب جي بيتن جو مثال، مگر ٻيون عام صنفون، جن جو ادبي دنيا کان وڌيڪ، عوام جي محض زباني روايتن سان تعلق آهي، انهن ۾ ته تمام گهڻا ڦيرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا . اسين ڪنهن لوڪ گيچ تي نظر وجهنداسين ته ڏسڻ ۾ ايندو ته هر ڳوٺ جي پنهنجي روايت ملندي . انهيءَ ڪري رالف.وي. وليم جي راءِ بلڪل درست ٿي لڳي ته "لوڪ شاعريءَ ۾ هميشه گهاٽيون واڌيون ٿينديون ٿيون رهن . . . لوڪ شاعري نه جهوني آهي، نه نئين، ڇاڪاڻ ته اها مستقل طرح سان نئون روح ۽ نئون روپ ٿي اختيار ڪري، ۽ هميشه هڪ عام شاخ مان انگور ڪيندي ٿي رهي (١) . "

---

(1) Encyclopedia Britannica, Vol. 9 . Page 444.

هيءَ هڪ عالم آشڪار حقيقت آهي ته، جڏهن به ڪا عام طرح سان مشهور ڪيل ڳالهه، يا روايت چوڏاري پکڙي ٿي، تڏهن اها مختلف روائن جي واتان، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچي، جدا جدا صورتن ۾ عام ٿيو وڃي. جيتوڻيڪ پنهنجي وس آهر، سيڪو ڳالهه ڪندڙ يا راوي اها ڪوشش ڪندو آهي ته هو انهيءَ ڳالهه کي بلڪل اهڙي نموني ۾ بيان ڪري، جهڙيءَ حالت ۾ هن تائين اها روايت پهتي آهي. مگر سندس ڪوشش جي باوجود به انهيءَ ۾ گهٽ وڌ ٿيڻ جو يقيني امڪان آهي. انهيءَ حالت ۾ هڪ لوڪ گيت، زباني روايتن موجب، ڪيتري قدر بگڙجي بدلجي سگهي ٿو؛ جڏهن ته هر نئون ڳائڻو انهيءَ جي اصلي مطلب، معنوي مقصد، فني لاڙي يا رجحان سان بدل آهي؛ ۽ ڳائڻ ۾ لفظي اصليت ۽ سناءَ ڏانهن ڪو به توجهه ڪونه ٿو ڏئي.

مٿيئن راءِ موجب سنڌي معياري لوڪ ادب کي هڪ طرف رکي، جيڪڏهن اسين عوامي شاعريءَ جي ٻين صنفن کي ڏسنداسين ته اسان کي اجا به انهيءَ ڳالهه جو وڌيڪ قائل ٿيڻو پوندو ته، ”عوامي شاعريءَ جي سناءَ ۾ ڪنهن هڪ شاعر جو نه مگر عام لوڪن جو وڏو هٿ آهي.“ جيڪڏهن عام ڳائڻو، ڪنهن لوڪ گيت کي پنهنجي خيال موجب تمام مشڪل ٿو سمجهي ته پوءِ چوِ نه انهيءَ کي وڌيڪ آسان بنائي. اهڙا مثال اسان کي ’لاڏن‘ ۽ ’ڳيچن‘ ۾ تمام گهڻا ملندا. انهيءَ ڪري جرمن عالم گرم (Grimm) جو هيءُ قول بلڪل مناسب ٿو لڳي ته ”لوڪ گيت خود بخود فطري طرح سان ٿو نهي (١).“

---

(1) Encyclopedia Britannica Page 444.

لوڪ شاعريءَ جي خاص حدبندي هيءَ بہ آهي تہ خاص زباني روايتن تي قائم ٿيل هوندي آهي. انهيءَ حالت ۾ سڀني قومن جي لوڪ ادب جو ساڳيو حال آهي. انهيءَ لاءِ، اسان وٽ فقط هي ئي دليل آهي تہ، لوڪ شاعريءَ جا موجد ۽ انهيءَ کي پکيڙيندڙ اڪثر اڻ پڙهيل آهن، ۽ اهوئي سبب آهي جو زباني روايتن سبب، اهي اڻ پڙهيل راوي، انهيءَ شاعريءَ کي هڪ رنگ ڍنگ ۾ بيهاري نٿا سگهن.

لوڪ شاعريءَ جي ڪيترين صنفن ۾ "دَهر" يعني دهرائڻ (Repetition) تمام گهڻو هوندو آهي: مثلاً، لوڪ گيچ، مورو، چلو، هو جمالو وغيره گيتن ۾ چند ماترائن تي مشتمل هڪ مصرع هوندي آهي. هر مصرع بعد وراڻي ڇئي ويندي آهي: انهيءَ لاءِ تہ سندس نغمگي قائم رهي، ۽ سنگيت جي سرن تي پوري اچي ۽ منجهس سُر ۽ لَي جا سڀ تار سمائجي سگهن. مگر "دُهر" ۾ هن ڳالهہ جو خيال رکيو ٿو وڃي تہ جيئن انهيءَ جي ورجائڻ سان ٻڌندڙ هرو ڀرو بيزار يا ڪڪ نہ ٿين. لوڪ گيتن ۾ 'دهر' شايد انهيءَ ڪري ٿو ملي، جو لوڪ گيت گهڻو ڪري فقط زباني روايتن ڪري زنده آهي، ۽ انهيءَ ڪري وري وري دهرائڻ وارو عنصر، هڪ اهڙي خوبي آهي، جنهن جي بدولت انهيءَ لوڪ گيت کي ياد ڪرڻ ۾ نهايت ئي آساني ٿي ٿئي. تنهنڪري ڇئبو تہ لوڪ گيت ۾ "دُهر" هڪ لازمي شئي آهي.

سنڌي لوڪ شاعريءَ جو دائرو تمام وسيع ۽ ڪشادو آهي: منجهس مختلف صنفن جي گهڻائي اهڙي آهي، جنهن جو دنيا جي ٻين ملڪن جي لوڪ ادب ۾ مثال ملڻ تہ اڻلڀ آهي. انهن عنوانن کي تن ڀاڱن ۾ ورهائي ٿو سگهجي:

### ١ـ هنر واري ۽ روايتي لوڪ شاعري:

هنر واري شاعريءَ ۾ پهاڪا، ڳجهارتون، پروليون هنر، ڏور، ڏهس وغيره اچي ٿا وڃن. روايتي شاعريءَ ۾ اهڙا عنوان ٿا اچن، جن جو پرائين روايتن ۽ واقعن سان تعلق هوندو آهي، جهڙوڪ جنگناما، مناظرا، معجزا، وغيره.

### ٢ـ رسمي لوڪ شاعري:

هن قسم ۾ اهي عنوان اچي ٿا وڃن، جن جو عوام جي ريتن رسمن، ۽ سندن رهڻي ڪهڻيءَ سان تعلق آهي. هن ۾ پيار، محبت، سوز ۽ عشق وارا جذبا پڻ سمايل هوندا آهن. مثلاً، ڳيچ يا لاڏا، لوليون، هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا، ڏور، واقعاتي. بيت، نثر جا بيت، تيهه اکريون، مورو، چلو، ٻيلڻ، هوجمالو وغيره.

### ٣ـ معياري لوڪ شاعري:

لوڪ شاعريءَ جي هن قسم ۾ اهي سڀ قسم اچي ٿا وڃن، جن کي سنڌي ادب ۾ ”معياري شاعري“ پڻ چئي سگهجي ٿو، جنهن جو معيار عوام جي نظرن ۾ تمام بلند آهي، ۽ سنڌي ادب جو هڪ بهترين حصو آهي. هيءُ ادب ئي سنڌي شاعريءَ جو روح آهي. مثلاً، بيت، ڏوهيڙو، وائي، ڪافي، سلوڪ، مناقبا، مولود، مرثيا، مناجاتون وغيره.

انهن سڀني لوڪ ادب جي صنفن جو ذڪر سلسليوار هيٺ مختصر ڏجي ٿو، جي گهڻو ڪري سڀ لوڪ شاعريءَ جون شاخون ۽ ڇاڙهون آهن.

# باب ٽيون

## لوڪ ادب جون صنفون

### پرولي

’پرولي‘، هڪ ڳجهارتي هنر ۽ فن آهي. پرولي، سنڌي لوڪ ادب جي هڪ پراڻي شاخ آهي. پرولي کي هنديءَ ۾ ”پهيلي“ چون (١). اهو لفظ سنسڪرت ”پرهيدي“ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ ڪنهن شئي جو پتو لڳائڻ يا پرو لهڻ.

اڳين ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته هندي ٻوليءَ ۾، پرولين جو رواج گهڻو آهي، ۽ اتان ئي شايد پوءِ سنڌ ۾ مروج ٿيون. پرولين ڪيئن ڄميون ۽ ڪهڙي وقت کان مروج ٿيون، اهڙي قسم جو پورو پتو نٿو پوي؛ مگر قديم زماني کان وٺي سنڌ ۾ عام لوڪن ۾ مروج ۽ مقبول آهن. ٻهراڙين ۾ عام طرح ۽ ٻين موقعن جي ڪچهرين ۾ جڏهن عام ماڻهو پاڻ ۾ ملاقي ٿيندا آهن، تڏهن پرولين جي ڏيڻ ۽ پڇڻ جو ڇهڇٽو لڳندو آهي. پرولين ۾ ڪيترين ئي ڳجهيون معنائون ۽ راز رکيل هوندا آهن، جي فقط سگهڙ ۽ سمجهدار پروڙي ۽ سمجهي سگهندا آهن. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ننڍا عقل وارا ٻار، عام طرح گهرن ۾ رواجي پرولين جي ڏيڻ ۽ پڇڻ ۾ گهڻو چاهه وٺندا آهن. آهي پاڻ ۾ ڳجهارتن جي نموني ڏيندا پڇندا آهن، ۽ پاڻ کي خوب وندرائيندا آهن.

---

(١) عبدالڪريم سنديلو، ”وينجهار“ صفحو - ١

پروليون ڪيترن ئي قسمن جون هونديون آهن ، جهڙوڪ ، رواجي پروليون ، سوال— جواب واريون پروليون ؛ دوسخني پروليون، گرو - چيلي جي سوال - جواب واريون پروليون ، ۽ ڪي وري ڏٺ پروليون ( ڳجهارت ۽ هنر وارو نمونو ) هونديون آهن . رواجي پرولين ۽ سوال - جواب وارين پرولين جا هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا :

## رواجي پروليون

١ - گهر گهر ۾ ٻاڙهي ڪنوار .

جواب باهه.

٢. اڇي‌اڇي ٻار ، جنهن‌تي جهرڪي نه جهار .

جواب . لوڻ .

٣. هيٺان ٿالهي، مٿان ٿالهي، وچ ۾ مير موالي .

جواب : ڪُمي .

٤ . انڌي ڪتي ، لوڙها لتاڙي .

جواب : جُتي .

## سوال جواب واريون پروليون

١- شينهن ڪي گهر تي چاڙهي ڏيکاريو ؟

جواب . رسيءَ ۾ وَرُ ، شينهن چڙهيو گهر .

٢- سهي ڪان سونُ گهڙائي ڏيکاريو ؟

جواب: اڪ نه ٻري، ڏيئو ٻري: سهو وينو سون گهڙي.

٣- ڪودي ڪي ڪوهه تپائي ڏيکاريو ؟

جواب: هڪ پاسي آٽ، ٻئي پاسي جت: آٽ ڪَٽيي اٽوهه، ڪودو تپيو ڪوهه.

جواب: گروجي، "تازي" نهين.

پوري پڇڻي: ڪتو هرڻ ڪي پڪڙي نٿو سگهي جو تازي نہ آهي؛
گهوڙِي (تري) چالَ نٿي ماري سگهي، جو تازي
(اصيل، عربي نسل) نہ آهي، ۽ چلم ۾ مزو نہ آهي،
جو تازي مَتَلَ (مچيل) نہ آهي.

## ذٽ - پرولي

هن قسم جي پروليءَ ۾، شاعر يا سگهڙ، ڪنهن ذٽل واقعي، حادثي يا ڪنهن نظاري کي پروليءَ جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو. هن کي پڇڻ يا حل ڪرڻ تمام مشڪل ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو نظارو، حادثو، يا واقعو پرولي پڇندڙ جو ذٽل نہ آهي: هو فقط پنهنجي آزمودي ۽ روزمره جي ٿيندڙ ڳالهين جي مدنظر پڇڻيءَ مان ڪامياب ٿيندو آهي. هنيئين هڪ مثال مان معلوم ٿيندو تہ ذٽ - پروليءَ ۾ ڪيتري نہ اونهي معنيٰ سمايل آهي.

نَر، نارِ هٿ ۾، نارِ هٿ ۾ نارِ.
اڇا ئي ڪٽي نهار، تہ نَر، نارن وچ ۾.
نر = آئينو؛ نار = زال يا عورت؛ نار = قٽي؛ نرن = وارن.

پوري پڇڻي:
آئينو عورت هٿ ۾، عورت هٿ ۾ قٽي.
اڇا نهار ڪٽي تہ قٽي وارن وچ ۾.

## ڳجهارت

"ڳجهارت" لفظ سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل آهي، (١)

---

(١) عبدالڪريم سنديلو: "تحقيق لغات سنڌي"، صفحو ٣٨٢.

اصل لفظ آهي گُهـِـيہ آرٿ : ’ گهيہ ‘ معنيٰ تمام اونهو يا ڳجهو ، ۽ ’ ارٿ ‘ معنيٰ مطلب ، يعني تمام اونهي مطلب واري حقيقت ، جنهن ۾ اونهو راز يا ڳجهہ رکيل هجي . سنڌي لوڪ ادب جي هيءَ صنف پنهنجي نوعيت جي آهي ، ۽ عوام ۾ نهايت مقبول ۽ مروج آهي . اڪثر ٻهراڙيءَ ۾ جڏهن ڪچهرين ، ميلن ، ملاکڙن ۽ شادين مرادين جي موقعن تي ، ٻهراڙيءَ جا سگهڙ ۽ شاعر اچي گڏ ٿيندا آهن ، تڏهن اتي ڳجهارتن جي ڏي - وٺ ٿيندي آهي. اتي هو پنهنجي قابليت ۽ هنر جو مظاهرو ڪندا آهن ؛ ڳجهارتون پڇڻ ، انهن جي اونهي معنيٰ ۽ مطلب ڪڍڻ ، ڪا سولي ڳالهہ نہ آهي. فقط وڏا پارکو ۽ ڄاڻو ، ڳجهارتن جي پيچ - گهڙ ڪري سگهن ٿا . سگهڙن جي قابليت اُن وقت ڏسڻ وٽان هوندي آهي ، جڏهن هو ڪچهرين ۽ مجلسن ۾ ڳجهارتن جي ڏي - وٺ ڪندا آهن . ڪتابي علم کان محروم هوندي بہ اهي سگهڙي ۽ ڪچهرين جا ڪوڏيا عوامي ماحول جي ايتري تہ وسيع ۽ ڪشادي واقفيت رکن ٿا ، جو هزارن قسمن جي نالن ۽ نشانن ، جهڙوڪ ، عضون جا نالا ، پکين جا نالا ، مڇين ۽ پکين جي قسمن جا نالا ، ڪپڙي ۽ ڪاٺ جي قسمن جا نالا وغيره ، مطلب تہ هزارن جي تعداد ۾ اهڙي قسم جي نالن جي يادداشتن جا حافظ آهن .

ڳجهارتن جا ڪئين قسم آهن. جهڙوڪ ، سريليون ، ٻي - سريون ، رواجي نمونو ، هنر وارو نمونو ، دراهو وارو نمونو وغيره . ڪي وري هڪ سٽيون ، ٻہ سٽيون ، ٽيہ سٽيون ، چئو سٽيون ، بلڪ وڌيڪ سٽن جون بہ ٿينديون آهن ۽ ٻيون وري ڏوهيڙي جي تتبع تي هونديون آهن ، جن ۾ ٻہ يا وڌيڪ پايا يا بند ٿيندا آهن .

جيڪي بيتن يا ڏوهيڙن جي صورت ۾ ڳجهارتون ڏنيون وينديون آهن ، تن کي سگهڙ ڏوهيڙن جي صورت ۾ ئي پڇندا

آهن . جيڪڏهن هڪ ذڪ سان ڳجهارت نہ پڳي، تہ پوءِ بيتن پنيان بيتن جا وسڪارا لائي ڏيندا آهن . ڳجهارت پڇندڙ، ڳجهارت ۾ فقط ڪنهن لاڳاپي واري شئي جو نالو ورتو تہ ڳجهارت پڇي پوندي، ۽ پوءِ ڳجهارت ڏيندڙ، ڳجهارت سچي ڪري ٻڌائيندو . مثلاً، ڳجهارت آهي :

ڏيڻي . ”ليلان، ڪونئرو ٿي هار آندو ، تڏهن ٻولي گاهہ ڪر .“

هاڻي ڳجهارت پڇندڙ ويندو گاهن ۽ ٻولين جا نالا وٺندو ، ۽ ٻيا سگهڙ پڻ هن سان شامل ٿي، ڳجهارت جي پڇڻيءَ جي ڳولا ڪندا. پوءِ سگهڙ ويندا ذڪن پنيان ذڪ هڻندا ۽ ڳجهارت ڏيندڙ جي ڪنڌ جي ڏوڻ پيئي پوندي ، ۽ چوندو تہ: ”اجا بچي ، اجا گٿو آهين، اجا جيئري آهي.“ ۽ ٻيا اهڙي قسم جا لفظ چوندو رهندو ، تان جو ڪنهن سگهڙ جو پورو ذڪ وڃي لڳندو : يعني ڪنهن گاهہ جو نالو ورتو ”سڄ“ تہ ڏيندڙ چوندو ”ويئي“. پوءِ مجلس ۾ ’ واه . واه!‘ ٿي ويندي ، ۽ چوندس تہ: ”سچي ڪر .“ پوءِ هو سچي ڪندو يعني ڳجهارت پڇي ٻڌائيندو .

گاهہ = ”سڄ“؛ ٻولي = ”چڻي“. پڇڻي ٿيندي :

پڇڻي . ليلان ، ڪونئرو ٿي هار آندو ، تڏهن چڻي سڄ ڪر .

ٻيو مثال:

ڏيڻي. ”ذات جا ڪنديس ڪپڙا ، پوڪ جا ڪنديس ڪانءِ .“

ذات جا مڱڻهجا؛ پوڪ جا ٻيجا .

پڇڻي . مڱڻي جا ڪنئيس ڪپڙا ، ٻئي جا ڪنديس ڪانءِ.

اهڙيءَ طرح ڳجهارتن جا ڪئين قسم آهن، جن جو ڪاٿوئي ڪونهي ۽ ڳجهارتن جا ڏيندڙ ۽ پڇندڙ وڏيءَ قابليت جا شخص ۽ ڪچهريـن جا مـور آهن ، جي محفلن ۽ مجلسن ۾ رنگ رچائي ڇڏيندا آهن .

## پهاڪا

"پهاڪو" سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل آهي (١)، جنهن جي معنيٰ آهي نصيحت آميز چوٽي، ضرب‌المثل.

پهاڪا، دنيا جي سمورن ملڪن جي ٻولين ۾ اڪثر ڪري مروج آهن، جن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ لڳ ڀڳ گهڻي قدر هڪجهڙائي آهي، فقط ٻوليءَ جو فرق آهي، جيئن هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو:

١. هندي. ٻڙا ڪهاون، ٻڙا دک پاوڻ.
سنڌي. جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.

٢. سنسڪرت. يٿا ديوا تٿا پڪتا.
سنڌي. جهڙو راجا، تهڙي پرجا.

٣. انگريزي. Grapes are Sour.
سنڌي. گدڙ ڊاک نه پڄي، آکي، ٿو ڪَنا.

٤. فارسي. پراگنده روزي، پراگنده دل.
سنڌي. بک ٻڇڙو ٿول، دانا ديوانا ڪري.

٥. عربي. التَّعجيل فعل الشيطان.
سنڌي. تڪڙ ڪم، شيطان جو.

اهڙيءَ طرح اڪثر دنيا جي ملڪن ۾ پهاڪن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ هڪجهڙائي آهي. پهاڪن ۾ وڏو فلسفو سمايل آهي. انهن مان ملڪ جي رسمن، ريتن، رواجن، تهذيب، تمدن ۽ مذهبي خيالن جو پتو لڳي ٿو. پهاڪا ۽ اصطلاح سڀڪنهن ٻوليءَ جي سونهن آهن.

پهاڪن جو وجود ۽ رواج ڪڏهن شروع ٿيو، ۽ ابتدا ڪڏهن ٿي؟ ان بابت ڪجهه چئي نٿو سگهجي؛ مگر هيءَ لوڪ ادب جي صنف ڪافي ڪُهني ۽ قديم آهي، جنهن جي شروعات انساني ٻولين جي دور کان شروع ٿئي ٿي.

در اصل پهاڪا اسان جي وڏن دانائن، سمجهدار سگهڙن ۽ عقلمند اڪابرن جي آزمودن جا مجموعا آهن، جن مان ايندڙ نسل

---

(١) پَٽ + ڪو = پڇاڙي. عبدالڪريم سنديلو: "تحقيق لغات سنڌي"، صفحو ١٦٠.

ڪيترين ئي نصيحت آموز ڳالهين حاصل ڪري سگهن ٿا. اهي گويا سندن لاءِ مشعل راه جو ڪم ڏين ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻهاڪا ۽ اصطلاح ڪافي سمايل آهن. انهن ۾ اڪثر نج ۽ ٺيٺ سنڌي ٻولي ڪم آيل آهي. اهي سنڌي لوڪ ادب توڙي معياري ادب جا عام جز آهن. انهن جي کوج ڪرڻ سان پتو پوندو ته سنڌي لوڪ ادب ۾ اهي آمٺهه موتي سمايل آهن، جن جي انداز جو ڪاٿوئي ڪونهي! اُهي اڻ ڳڻت آهن. اهي لوڪ ادب ۾ چڱي خاصي اهميت رکن ٿا، مگر اسان جي اديبن سنڌي ٻهاڪن جي اڃا پوري کوجنا نه ڪئي آهي. هن ڏس ۾ آنجهاني ديوان ڪيولرام آڏواڻي، پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ انهن کان سواءِ سيد عبدالحسين شاه موسوي ۽ سنڌس ساٿين مسٽر محمد ابراهيم، ۽ مسٽر عبدالڪريم سنڌيلي چڱيون ڪوششون ڪيون آهن، جن کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. انهن صاحبن، ٻهاڪن جي ارتقاءَ، سندن معنائون، مطلب ۽ پيڙهه ۽ اصليت جا اهڃاڻ پڻ ڪي قدر پيش ڪيا آهن.

مٿئين مختصر بحث مان معلوم ٿيندو ته ٻهاڪن ۾ وڏيون عقلمنديءَ ۽ دانائي جون ڳالهيون، ۽ ڪيترائي راز ۽ رمزون رچيل آهن، جي اسان جي وڏڙن پنهنجي پرايل آزموده مان ڳنڍ ڪري ڇيا ۽ آکيا آهن.

ٻهاڪا هڪ سٽا، ٻه سٽا ۽ ڏوهيڙن جي صورت ۾ ڇپيل هوندا آهن. چند مثال هيٺ ڏجن ٿا:

١. ڏڏو ڪير، ٽٽن ۾ نه پوي.
٢. سڱا سي ئي سيڻ، جنهين پڪا اوڏڙا.
٣. خون ڪٿوري نه لڪي، توڙي ٻاري پون ٻار.
٤. گهٽين زالين گهر نه هلي،
گهٽي هاريئين هر نه هلي.
٥. ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي(١).
٦. سچ جي ٻيڙي لڏي، پر ڪين ٻڏي.

---

(١) هي پٽائي صاحب جو بيت آهي، جيڪو پنهنجي موضوع ۽ مضمون ڪري، عام ٻوليءَ ۾ ٻهاڪي طور مشهور ٿيو، جيڪو شاه صاحب رح جي شاعرائي ڪمال جو اهڃاڻ آهي.

ڪان اُٿ آيل هئا، تنهن وقت ڪان، تو هنن جي اٽڪل سهي ڪانه ڪئي . ڏس، اٺن سان گڏ، پنهل به ونئي ويا . هاڻ اي سسئي، تون هڪدم اوڏانهين ڪاهه ."

" هُنر " جا ڪيترائي قسم آهن، جهڙوڪ، سُرائتا هنر، چيروون هنر، بي - سرا هنر، وغيره .

## سرائتا هنر

سرائتا هنر، اهي ڏوهيڙا يا بيت آهن، جي ڪنهن سُرتي ٻڌل هجن . جهڙوڪ، عمرماروئي، سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، وغيره .

## چيروون هنر

چيروون هنر (١) اهي بيت يا ڏوهيڙا آهن، جن جي هرهڪ مصرع جو پويون لفظ ساڳيو هجي، ۽ اهڙي قسم جي بيتن ۾، لفظ گويا چيرجي نڪتل آهن، مثال:

ٻہ وَرَ ونيي هڪڙي، عمر! بي سيرن،
نپني هيس ماٽن ۾، عمر! بي سيرن،
ڏينهن گذاريم ڪيترا، عمر! بي سيرن،
عمر! بي سيرن، رت روئي ٿيي ماروئي .

بي سيرن = سَت ۽ سِيل کان سواء .
بي سيرن = سواء سيرن ۽ حلوَن .
بي سيرن = سواء وِلي ڏيارڻ جي، سواء (وارن مان) جُونئن ڪيڏائڻ جي .
بي سيرن = سواء سِيرن يا نشترن چوڙڻ جي .

مطلب تہ جڏهن عمر، مارئي کي، شاديءَ لاءِ ستائي رهيو هو، تڏهن مارئي تي چوي، "اي عمر، مون کي هڪ ور اَڳيئي آهي، ۽ ٻيو وَرَ (تو کي) ڪري، پنهنجو سيل ۽ ست نہ وڃائيندس . تون مون کي ٻوڙ پلاءَ آڇين ٿو، مگر آءٌ نندي هوندي کان ئي حلوَن ۽ سيرن کان سواء نپني آهيان، اسان جو ڪاج ڏٽ ۽ ڏونئرا! مٿي ۾ جُونئون

---

(١) چيروون = چيريل

پڄجي ويهون اٺم، جو ڪيترن ڏينهن ڪان ورنيي به نه ڏياري اٺم.
اي عمر، ماڻهو تڏهن رت ڏين، جڏهن سيرون ڇوڙائين، پر سواء
سيرن جي ئي پڄي رت ڏيان."

## بي سرا هنر

"بيسرا هنر"، اهي بيت آهن، جي ڪنهن به سر ۾ نه هجن، مثال:

اي ماءُ محسن سان، سهڻي هئي سون سان،
هي نه قضا ڪم ڪيو.

هي مٿيون بيت ڪنهن به سر ۾ نه آهي، بلڪ هڪ اسلامي روايت آهي. معنيٰ آهي، امام حسن رضه (اي ماءُ محسن) سان، سهڻي حسين رضه (هي سون) سان، هي نه قضا ڪم ڪيو.

## عام رواجي هنر

"عام رواجي هنر" ۾، اهي بيت ۽ ڏوهيڙا اچي ٿا وڃن، جن ۾ همجنس، ذاتين، پکين ۽ جانورن، سازن، ڏينهن، مڇين، واهن، فقيرن، وڪرن، ڪنيار جي ٿانون، مٽن مائٽن، انن جي جنسن، تاس جي پتن، اسٽيشنن، شهرن وغيره جي قسمن جا مثال اچي وڃن ٿا، جن ۾ انهن جا نالا ۽ نشان ڏنل هوندا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**هم نام.** سوناري جبل ڏنو، اتي تون گهڙ
ڏونگر ڏسي ڇپر وئين ڇو؟
اڃا تو روهه، سامهان ڪرين!

جبل، ڏونگر، ڇپر ۽ روهه چارئي هم نام ۽ هم معنيٰ آهن.

**ذاتيون.** رند، لغاري راڄ ۾، سي ڪامل! ڪوڙ نه ڪن،
عمراڻي آجڙيون، جتوئي پاس پرن،
زرداري ڪوڙن ۾، مارو ٽالپرن،
مري ڇڏينديس ڇن، ڪلوئي لڄائينديس ڪينڪي.

مٿي ڏنل بيت ۾ بلوچ قوم جي جدا جدا ذاتين جا نالا آهن، جهڙوڪ،

اهڙيءَ طرح پيا بہ ڪيترائي هزارن جي تعداد ۾ اهڙي قسم جا هنر، ڏوهيڙن ۽ بيتن ۾ چيل ۽ آکيل آهن، جن ۾ ڳجها ۽ اونها راز ۽ رمزون رکيل آهن، جن جي گوناگون معنيٰ ۽ مطلب جي سمجهاڻي ڏيڻ جهڙي تهڙي ماڻهوءَ جو ڪم نہ آهي: فقط سگهڙ ئي اهي راز سمجهائي، ڪچهرين ۾ رنگ رچائي سگهن ٿا.

در اصل پرولي، ڳجهارت، ڏور ۽ سينگار وغيره سڀ هنر جا جز آهن، جي سگهڙ، ڪچهرين ۾ ڏيندا ۽ وٺندا آهن.

اڳي اهڙي قسم جون ڪچهريون عام جام ٿينديون هيون، مگر هاڻي هن قسم جو شوق گهٽبو گهٽبو وڃي ٿو چاڪاڻ تہ همٿائڻ وارو ڪونہ آهي. جيتوڻيڪ لوڪ ادب جي هيءَ شاخ وڏي اهميت واري آهي، جنهن کي قائم رکڻ ۽ سندس واڌاري جي ڪوشش ڪرڻ، سنڌ جي اديبن جو وڏو فرض آهي.

## ڏُراهو يا دوراڏو

”ڏُراهو“ ڪٺي چئجي ته ”هنر“ جو هڪ انوکو قسم آهي. سنڌي لوڪ ادب ۾ هيءَ هڪ پنهنجي نموني جي صنف آهي.

”ڏُراهو“ يا ”دورائو“ لفظ، ”دو“ ۽ ”راء“ يا ”راه“ مان نهيل ٿو ڀانئجي: يعني جنهن ۾ ٻه راهون يعني ٻه واٽون هجن. اهو ڏوهيڙو يا بيت، جنهن جي پڇڻ لاءِ يا ڀاڃ ڳولڻ لاءِ ٻه رستا رکيل هجن، يعني سگهڙ ٻن قسمن جي لڪ رکي هجي. اهڙا بيت يا ڏوهيڙا جي ظاهر ۾ هڪ سُر جا معلوم ٿين، مگر انهن جي ڳجهن لفظن جي ڦير گهير ڪري، معني ڪرڻ سان، انهن جو لاڳاپو ، ٻئي سُر مان ٿئي.

’دراها‘ اڪثر ٻن معنائن وارا هوندا آهن، مگر ٻن وڌيڪ معنائن وارا پڻ هوندا آهن، جي سگهڙ سڀ ڏوهيڙن ۽ بيتن جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن.

هيٺ هڪ قسم جي ڏوهيڙن جو هڪ مثال هيٺ ڏيئي ڏيکارجي ٿو ته اهي ڪهڙي نموني ۾ سگهڙ ڏيندا ۽ پڇندا آهن:

جَهل مَهار ، ڏي مَ ڏيرن ،
قَطار جي ، ڪمال چوي ، ڪُڙڪ نه پوي ڪَن ،
جاڙ ڪئي جَتن ، وٽ روهن ۾ رڙندي .
هن ڏوهيڙي ۾ ٻن معنائن وار سر آهن ،
(الف) سُر سسئي پنهون (ب) سُر ليلان چنيسر .

(الف) سر سسئي پنهون . مهار = اٺن جي مهار ؛ ڏي مَ = نه ڏي ؛ ڏي مَ ڏيرن = ڏيرن کي نه ڏي ؛ قطار = قطارڻ يا ڪاهي وڃڻ ؛ ڪُڙڪ = آواز ، اٺ جي رڙ يا دانهن ؛ جاڙ = جٺ يا ڏاڍائي ؛ روه = جبل، ڏونگر .

سگهڙ چوي ٿو ته ”اي“ سسئي ، تون اُٺن جون مهارون پاڻ جهلي قابو ڪرين ها ، ۽ ڏيرن تي اعتبار نه رکين ها، ڏس تو کي اٺن جي قطارڻ مهل ڪوبه آواز ڪن تي ڪونه پيو. تو پاڻ سان

پاڙيهي ڪئي. هاڻي روهن يعني جبلن ۽ ڏونگرن ڪي جهاڳيندي ۽ رڙندي وت."

(ب) سُرليلان چنيسر. (١) مهار = ۾ هار = هار ۾؛ ڏي ۾ ڏيرن = ڏي + ۾ + ڏي رن = ڏي ۾، ڏي رن، رن ڪي ڏي ۾ = ڪونئرو ڪي موتائي ڏي. قطار = ڪي تار، ڪي تال، چالاڪيءِ ڪُڙڪ = آواز، پڙلاءُ؛ ڪنن = ڪنن تي؛ جاڙ = جُٽ؛ جتن = جا تين، جا انهن (ڪونئرو ۽ ماڏس)؛ روهن ۾ = روحن ۾، اندر ۾، پچندي رهه.

سگهڙ ٿو چوي ته، "اي ليلان، تو ڪي ڪپندو هو ته هار ۾ جهلين ها ۽ رنَ (ڪونئرو جي ماءُ) ڪي موتائي ڏين ها. ڏس، انهن (ڪونئرو ۽ ماڏس) جي چالاڪيءَ اڳيان تنهنجو چاروڻي نه چليو، جو ڪابہ ڳالهه تنهنجي ڪنن تي نه آندائون. هنيئر جا توسان نگي ڪئي اٿن، تنهن لاءِ ساري عمر اندر ۾ رڙندي رهه."

سگهڙ، دراهن يا دورائن ۾ اهڙي متئين نموني ۾ ڏوهيڙن ۽ بيتن جي سمجهاڻي ڏيئي پچندا آهن. هُوبَهُو اهو نمونو اختيار ڪندا آهن.

دراها، ٻن معنائن وارا، ٽن معنائن وارا ۽ چئن معنائن وارا پڻ هوندا آهن. انهن جا مثال سوين آهن، جي سگهڙن جي سينن ۾ سانديل آهن ۽ ڪچهرين ۾ ڏيندا ۽ پچندا آهن.

ڏوهيڙا ۽ اهڙي قسم جا بيت، اصل دوهن يا دهرن جي نموني مان نڪتل آهن، جن جي شروعات يا ابتدا جڏهن سنڌي ٻولي نظمي نموني ۾ شروع ٿي، انهيءَ وقت کان مروج ٿي.

# ڏور

”ڏور“، لوڪ ادب جي هڪ صنف پنهنجي طرز ۽ نموني جي آهي. ڏور جي شروعات بہ ڏوهيڙن جي ابتدا سان ٿيل ڏسجي ٿي. ڏور پڻ بيتن جي صورت ۾ سگهڙ پيش ڪندا آهن، جي اسلامي روايتن سان لاڳاپو رکندڙ آهن(۱).

ڏور جي معنيٰ آهي، ڪنهن شيءِ جو ڏوري يعني ڳولي پتو لڳائڻ. مطلب تہ ڪنهن شيءِ کي پيو ڳول ئي ڳول، جيستائين ڪو ان جو پتو لڳي. جيئن تہ عام چوڻي آهي تہ، فلاڻو ماڻهو تہ ڪم کي ڏورڻا ڏيو بيٺو آهي، يعني تہ سندس ڪم ڪٿڻ جو ئي نہ آهي. سگهڙن جو چوڻ آهي تہ:

”ڏور شَـهَ زور سان ڪونهي زور.“

ڏور جا بيت يا ڏوهيڙا بہ ڏٿ جو قسم آهن، جن ۾ رسول ڪريم صلعم ۽ ٻين نبين جي معجزن ۽ اسلامي قصن وغيره جو ذڪر هوندو آهي، مگر اهڙي قسم جو بيان سارو لِڪ ۽ ڳجهہ ۾ سمايل هوندو آهي. يعني تہ ظاهري مطلب هڪڙو هوندو آهي، ليڪن ڳجهي معنيٰ ضرور ڪنهن اسلامي روايت سان لاڳاپو رکندي هوندي.

اهي بيت نبي صلعم يا ٻين سوا لک نبين يا پنجتن پاڪ جي متعلق هوندا آهن، ۽ ڪي وري ٻين اسلامي روايتن بابت هوندا آهن. ايترين روايتون ياد رکڻ ۽ انهن جو لاڳاپو ڏيکاري، سمجهائڻ وڏي مشڪل ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اسلامي واقعات ۽ معجزا بہ تمام گهڻا آهن. اهي سگهڙ ئي آهن، جي انهيءَ قسم جي ڏوهيڙن کي منهن ڏين ٿا.

ڏور جو پيچڻ، ۽ انهيءَ جي اونهي معنيٰ لاڳاپو ڏيکاري سمجهائڻ، تمام هڪ مشڪل ڪم آهي؛ مگر سگهڙ، جيڪي انهن جي پيچڻ ۾ ماهر آهن، سي ڪاهيو وڃي ان جي مراد تي پهچن ٿا.

---

(۱) هڪ راءِ مطابق ڏور جي شروعات ارڙهين صديءَ ڌاري ٿي، جڏهن درويشن، ولين ۽ اسلامي عالمن جو شعور وڌيل آهي.

ڏور جي معنيٰ ۽ مطلب کي ڳولڻ اهڙو نمونو آهي، جهڙي طرح ڏور جي ڏاڳي اوڊڙ اوڀٽي تي چاڙهي، وچي پانڌيءَ جي اصل تي بيهجي. ڏور پچندڙ به ائين ڪندو آهي، يعني ڏور کي ڏاڳي جي اوڀٽي وانگر اوبي ڪولي وڃي توڙ ڪندو آهي، ۽ ان جو مطلب ۽ قصد به سمجهائيندو آهي. تنهنڪري ڏور جي پڇڻيءَ کي چونئي "مراد."

ڏور جا ڪيترائي مثال آهن؛ ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

خاوند وڻ خلقيو، جنهن جون ري گلين پاڙون،
نڪي لوساٿيو لُڪ ۾، نڪي ڪوماڻو،
اهڙوئي ساماڻو، جو ري گلين ڦر جهلي.

مراد. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ڄمڻ وارو قصو يعني بيبي مريم ڏٽي تعاليٰ جي حڪم سان حامله ٿي ۽ رب تعاليٰ جي مرضي سان ٿي حضرت عيسيٰ پيدا ٿيو.

پنهون نڪتو پنيور مان، ڪري سسئي ساڻ،
چڙهيائين ٿـــي چـــپرين، پلـــي پنهنجو پاڻ،
آري ڏنس اهڃاڻ، منڌ ونيو وڃ محمود چوي.

مراد. معراج رات، الله تعاليٰ پنهنجي محبوب کي پاڻ وٽ گهرايو. پاڻ جڏهن براق تي سوار ٿي، چائنٽ وٽ پهتا ته جتي لاهي، ٻاهر ٿي رکيائون ته جبرائيل عليه السلام پيغام آندو ته، "اي محبوب خدا! اوهان کي حڪم ٿيو آهي ته جتيءَ سان اندر اچو."

اهڙي قسم ۽ ٻين ڏور جي قسمن جا ٻيٽ هزارن جي تعداد ۾ آهن. جيڪڏهن اسان جا اديب هن باري ۾ ٻهراڙيءَ جي سگهڙن جي لهه وچڙ ۾ اچي، اهڙي قسم جو لوڪ ادب گڏ ڪندا ته گهڻوئي ملي سگهي ٿو.

هاڻي مٿي ذڪر ڪيل ڏور جي ٻيتن جي ڳجهي معنيٰ ۽ مراد سمجهائڻ مان معلوم ٿيندو ته ڏور واقعي شهزور آهي. ان جي سمجهاڻي ڏيڻ نهايت مشڪل ڪم آهي. اهي سگهڙ ئي آهن، جي اهڙي قسم جي ڏورن کي ڏورتا ڏيئي ڪجهه سمجهائين ٿا.

دونهان درد فراق جا، جا ڳايا جوڳين .
پسي سون، سرائي چوي، سک نہ سامونڊين ،
پينر پاڳ مڙن، جن ڪاهيو ڪارونڀر ڏي .

مٿي ڏنل بيت ۾ ست سر آهن، جهڙوڪ : ١. عمر مارئي ، ٢. سهڻي ميهار، ٣. سسئي پنهون ، ٤. سورٺ، ٥. ليلي مجنون ، ٦. مومل راڻو، ٧. سامونڊي . هن ست سري ۾ معنيٰ گهڻي قدر سنئين سڌي آهي. مگر ڪي اهڙا بہ ست سرا هوندا آهن، جن جي ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي تہ ٻجهي معنيٰ وري ٻي .

## ڏهس

” ڏهس“ سنسڪرت لفظ ”دشن“ مان نڪتل آهي (۱) جنهن جي معنيٰ آهي: ”ڏهه.“

لوڪ ادب جي هيءَ صنف به هڪ وڏو فن ۽ هنر آهي. ڏهس به ڏوڙ ۽ سينگار وانگر هڪ سنڌي بيت جو قسم آهي، مگر هن قسم جي بيت ۾ خاص خصوصيت اها آهي، جو سڀڪنهن قسم جي نالن جي ادائگي، ڏهن لفظن ۾ ڪئي ويندي آهي. انهيءَ ڪري هن فن کي ” ڏهس“ نالو ڏنو ويو آهي.

ڏهس جي بيتن ۾ جيڪي نالا اچن ٿا، سي پهن ڪيترين ٻولين، جهڙوڪ پراڪرت، بلوچي، سنسڪرت، هندي، عربي، فارسي ۽ سنڌي مان ورتل آهن.

ڏهس جا بيت سينگار وانگي اصل هندي دوهن بيتن جو تتبعو آهن. سنڌي شاعرن هندي دوهن کان متاثر ٿي، پنهنجي فضا ۽ ماحول موجب اهي اهي بيت ۽ ڏوهيڙا چيا ۽ ڳايا آهن.

هن فن جي ابتدا ٻڻ گهڻي وقت کان ٿيل آهي. ڏوهيڙن جي ابتدا مان ئي هن فن جي شروعات ٿي. سنڌ جي سگهڙن جيڪا ٻولي هن ۾ ڪم آندي آهي، سا قديم ۽ غير مروج آهي، مگر تنهن هوندي به انهن پنهنجي بلند خيالي ۽ ذهني ذوق جو بهترين خاڪو پيش ڪيو آهي. هن قسم جو فن اڄڪلهه ٻهراڙين مان به گهٽبو وڃي ٿو، چاڪاڻ ته اهڙي وڪر جي وهائيءَ وارا آلپ آهن. انهيءَ هوندي به، اسان جا اديب، جيڪڏهن هن باري ۾ کوج ڪندا ته هن قسم جي لوڪ ادب جو ڪافي ذخيرو هٿ اچي ايندو.

ڏهس جي بيتن ۾، سگهڙن، نالن جي يادداشت ڏيڻ جي باري ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. ڪنهن چيز، جاندار يا بيجان جا جدا جدا نالا پيش ڪري، پنهنجي عقلمندي ڏيکاري، سنڌي لوڪ ادب جو شان وڌايو آهي. جيئن هيٺ ڏنل مثال مان معلوم ٿيندو:

(۱) عبدالڪريم سنديلو: ”وينجهار“، صفحو ۱۹۸.

هڪڙا پٽين، ٻيا ڦٽن، ٽيا ٽلهر، آليٽهر،
اُرڳ ٻشيهل، راجڪلا، سيسيهر ورسيهر،
اوڪي اوت عشق جي، جت واسينگ وجهن ور،
آتي ۾ ڏونگر، سٿي رکج صديق چئي.

مٿئين بيت ۾، نانگ جا ڏهه نالا آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي مثال آهن جن ۾ سگهڙن رات ڏينهن، وڄ، چنڊ، هاٿي ۽ هاٿيءَ جي ٻچي، شينهن وغيره لاءِ جدا جدا قسمن جا نالا ڏيئي، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي. اهڙا مثال ٻين ٻولين ۾ به آهن، مگر سنڌي سگهڙن جي پنهنجي نوعيت آهي ۽ اها پنهنجو مثال پاڻ آهي.

## سينگار

”سينگار“ اصل سنسڪرت لفظ ’شرنگار‘ مان نڪتل آهي. سينگار کي هنديءَ ۾ چون ”سنگار“،(۱) جنهن جي معنيٰ آهي: ناھُنوھ، سجاوٽ ۽ سونهن، هار سينگار، ملوڪت. سينگار جا ڪيترا ئي قسم آهن. پياري لال ”شرنگار شاستر“ ۾ لکي ٿو ته، ”اسان جي ديس ۾ استرين جا سورنهن سينگار آهن، جي پراچين زماني کان هلندا اچن ٿا.“ اسان جي سنڌ جا سگهڙ ۽ شاعر، سينگار جا بيت يا ڏوهيڙا پنهنجي محبوب جي وڻندڙ گفتار، رفتار، ۽ ان جي عادتن ۽ اطوارن کي ڪن خاص سهڻن چونڊيل موزون لفظن ۾ لڪائي پيش ڪندا آهن. انهن مان ڪي نبي صلعم ڏانهن، ڪي پنجتن پاڪ ڏانهن منسوب ڪن، ته ڪي وري مجازي محبوب ڏانهن.

سينگار جي بيتن جي سهڻائي جو دارو مدار سهڻين تشبيهن ۽ استعارن تي آهي، جن جي لفظي سٽاءَ ۽ پوچ قابل تعريف آهي ۽ انهن مان محبوب جي سونهن جو تجلو پڻ نظر ايندو آهي؛ جيئن شاهه پٽائي، حضرت محمد صلعم جن جي شان ۾ فرمايو آهي:

نازَ منجهان نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
پونُءَ پڙ بسم الله چئي، راهه چمي ٿيي رَند،
آپيون گهڻي ادب سان، حورون حيرت هنڌ،
سائين جو سَوگند، ساجن سپنئان سهڻو.

سينگار جي بيتن ۾، در اصل مداح ۽ تعريف سمايل آهي. اهي بيت يا ڏوهيڙا هندي ”دوهن“ جي تتبعي تي آهن، جي گهڻي وقت کان هندي سگهڙن کان رڙهي سنڌ ۾ آيا ۽ سينگار جو فن مروج ٿيو. پر سنڌ جي سگهڙن ۽ عوامي شاعرن، عام شاعريءَ جي هن صنف کي سهڻي نموني سينگاري، هندي دوهن کان به گوءِ کٽي ويا آهن.

مداح ۾ تعريف جو سلسلو انسان ذات لاءِ هڪ فطري معاملو آهي. هر ملڪ ۾، پنهنجن پنهنجن ٻولين ۾، هن ئي قسم جي شعر جو

(۱) عبدالڪريم سنديلو. ”سنڌ جو سينگار“ صفحو ۱۱.

# ڇلڙو

ڇلڙو سنڌ جو هڪ عام مشهور لوڪ گيت آهي، ۽ هڪ درد وارو شعر آهي. هن شعر جون پهريون ٽي سٽون هم قافيي آهن ۽ پويون ٻه پاڻ ۾ آهن.

ڇلڙو نه فقط سنڌي ۾ ڳايو ويندو آهي، پر اردو، هندي، پنجابي ۽ سرائڪي ۾ پڻ. سنڌ ۾ ته خاص ڪري ڪوهستان واري علائقي ۾، ٻهراڙيءَ جا عام ماڻهو پنهنجن مجلسن ۽ محفلن ۾ جهنگلن ۽ جبلن ۾ خوب ڳائي، پنهنجو روح ريجهائيندا آهن.

ڇلڙو جنهن کي، منڊي يا ڇلو (۱) چئجي، سو چانديءَ جو يا ٽِهه ڪوڙو هجي، مگر سڪ ۽ محبت وارا ان کي ساهه سان سانڍيندا آهن ۽ پنهنجي دل گهرئي دوست جي نشاني سمجهي، ان کي دل ۾ جاءِ ڏيندا آهن. عاشق معشوق، اهي ڇلڙا، هڪٻئي سان مٽائيندا آهن ۽ نشانيءَ طور ڏيندا آهن. مطلب ته جنهن شعر ۾، جانيءَ جي نشاني ڇلي جو ذڪر آهي، ان کي نالوئي ڇلڙو ڏنو ويو آهي. ڇلڙو، اها يار جي نشاني آهي جا لوڪان ٻه لڪائڻي آهي ۽ ڇيچ ۾ ٻه پائڻي آهي.

ڇلڙو جڏهن ڳايو وڃي ٿو ته ان وقت هڪ درد ۽ سوز وارو نظارو پيدا ٿيو وڃي. جيئن موسوي عبدالحسين شاهه ”سرهاڻ“ ۾ لکي ٿو: ”ڇلڙي ۽ پيلوءَ ٻڌڻ سان عشق جا آلا ۽ برهه جي باهه جا پنبڻ ايرندا ۽ اجهامندا نظر اچن ٿا. ٻنهي قسمن جي شعرن ۾ نه رڳو درد جون دانهون، وڇوڙي جا ورلاپ ۽ ڏکن پريا ڏوراپا ڏنل آهن، پر دل جي دلبر ۽ من جي مٺي کي دل سان دعائون ٻه ڪيل آهن (۲).“

ڇلڙي شعر جا مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن مان محبت، سڪ ۽ سوز ۽ درد وارا نظارا نظر ايندا:

---

(۱) ڇلو، سون جو سمجهڻ مطلق غلط آهي. ڇلو، روپو، چانديءَ يا مينا ڪاريءَ جو آهي، سگهڙن ٻه ائين ئي چيو آهي. پر مطلق روپو يا چانديءَ جو!

(۲) عبدالحسين شاهه موسوي: ”سرهاڻ“ صفحو ۶.

چلو چيــــچ پايـــان، لوڪئون آءُ لڪايان.
ڳـڻ تنهنجا ڳايان.
ڏنـــو يـــار جانـــي، ڪـــري مهربـاني.

---

چلـــو چيـــچ پاتم، وري چاتـــيءَ لاتـــم،
سهي سو نـــہ سڃاتم، آهي منهنجي يـــار جو،
ڀـــورل قربـــدار جو.

---

چلا ڳـــڙ ڏي روڙي، يار چڙهيـــا گهوڙي،
ويندا وطن ڇوڙي.
ڀـــلا يـــار پرديسي، روزي رب ڏيسـئي.

## مورو

”مورو“ سنڌ ۾ خاص ڪري ڪاڇي ۽ ڪوهستان جو مقبول عام لوڪ گيت آهي. هي ٻه تڪو شعر آهي، جو عام طرح دنبورن تي سڪ ۽ سوز سان ڳايو ويندو آهي. هن شعر جو ڪافيو ٻه دفعا ڪم آئي، ٻئي تڪ جو ڪافيو ان سان ملائبو آهي. هن جي وراڻي جا ٻه ڪيترائي نمونا ٻڌبا آهن. اڪثر ڪري هي وراڻي ٻڌبي آهي:

”راڻل مورو ويني ڏيان“ يا ”مورو ويني ڳايان“ وغيره.

جيئن مور پکي وڻندڙ ۽ ناچ ڪندڙ آهي، تيئن ”مورو“ ٻه هڪ محبت ۽ سوز سڪ وارو ۽ وڻندڙ وندرائيندڙ شعر آهي.

هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو ته هي شعر يا گيت ڪيتري قدر نه سڪ ۽ قرب ۽ محبت سان ڪڙيل ۽ پڙيل آهي، جو اندر مان اڌما ڪائي ٻاهر نڪري ٿو:

هل ته هلون هاڙهي، ڏاتي اٺ ياڙي،
راڻـــل مـــورو ويني ڏيان.

———

گاڏيءَ گاڏا ٿيهه، منهنجي مارن لايا ڏينهن،
راڻـــل مـــوري موڪل ڏي.

## پيلو

”پيلو“ شعر جي هڪ چلتي جو قسم آهي. پيلو تي اهو نالو ڪيئن پيو، ان جو خاص پتو نٿو پوي. پيلو شايد پيلي لفظ مان نڪتل ٿو ڏسجي، جنهن جي معنيٰ آهي ساٿي يعني ساٿ ڏيڻ وارو.

هن گيت ۾ به مصرعون آهن، جي هڪٻئي سان ساٿ ڏيو بيٺيون آهن، انهيءَ ڪري هن قسم جي شعر جو نالو به ”پيلو“ رکيو ويو هجي.

پيلو جا ٻول خاص ڪري سنڌ جي اُتر واري علائقي ۾ گهڻي قدر مروج آهن. انهيءَ طرف جا ماڻهوءَ رات جو جڏهن گڏجي محفلون مچائيندا آهن، تڏهن نڙ تي بيت ڏيئي پيلو جا ٻول ٻوليندا آهن. پيلو جو شعر اڪثر جتن يعني اٺ لڏيندڙن جو ساٿي آهي. اهي اوٺي جڏهن بار جا اٺ لڏي، ڳَلو ڪاهي روانو ٿيندا آهن. تڏهن اهڙي قسم جا ڏوهيڙا وڏي آواز، درد ۽ ميناج سان آلاپيندي، پنهنجو روح ريجهائيندا آهن. اهڙي درد ڀريئي لهجي ۾ چوندا آهن، جو ٻڌندڙن جي دلين تي ڏاڍو اثر پوندو آهي. هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو ته اهي ڪيڏو نه سڪ ۽ سوز، درد ۽ محبت سان ڀريل آهن.

ڳَلو به آيو، منهنجو يار نه آيو،
پُڇي پُڇي ٿڪس، سارو لوڪ پرايو.

---

پار دريائون ڪو ميندي‌ءَ جو ٻوٽو،
عشق منهنجي يار جو چڻ بهشت جو جهوٽو.

## مانجهيئڙو

ڪشمير ۾، ملاح ۽ ٻيڙيءَ واري کي ’ مانجهي ‘ سڏين، ۽ فارسيءَ ۾ قاصد يا نياپو آڻيندڙ کي ’ميان جي‘ چون. سنڌيءَ ۾ مانجهي لفظ بهادر ۽ مددگار لاءِ ڪم ايندو آهي، جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

”اتيا عبادت ۾، مانجهي مرد مڇي.“

سنڌيءَ ۾ مانجهيئڙو، هڪ عشقيه قسم جو شعر آهي ۽ لفظ مانجهيئڙو فارسي لفظ ”ميان جي“ مان نڪتل ٿو ڀانئجي، جنهن جي معنيٰ آهي قاصد يا نياپو آڻيندڙ.

”مانجهيئڙو“ ڏوهيڙو يا شعر اڪثر ڪاڇي ۽ ڪوهستان طرف گهڻو ڳايو ويندو آهي. اڪثر ٻهراڙين ۾ ماڻهو محفلن ۾ ڳائي روح ريجهائيندا آهن.

هيٺ هڪ ٻن مثالن مان معلوم ٿيندو ته هن قسم جو شعر ڪيتري نه سڪ ۽ محبت سان ڀريل آهي:

ملڪ تنهنجو پري، قادر ڪم ڪري،
ملڪ تنهنجو اُٿل، اوچتو ارواح قاتل،
سوهڻڪا سميجا، موڪل ڪو مانجهيئڙو.

---

راڳ تنهنجو رباب‘ ماري ڪيائين ڪباب،
مثل ماهي بي آب، پڇان تنهنجي لاءِ جواب،
سوهڻڪا سميجا، موڪل ڪو مانجهيئڙو.

## هو جمالو

”هو جمالو“ پڻ ’مورو‘ ۽ ’مانجهيٽڙو‘، وانگي سڪ ۽ محبت وارو شعر آهي، جو ڏاڍي ميناج، محبت، سڪ ۽ سوز واري نموني ۾ ڳايو ويندو آهي.

هن قسم جي شعر جو رواج ڪڏهن پيو، ڪٿان پيو، ۽ ڪٿان شروع ٿيو، تنهن جي صحيح خبر ڪانه ٿي پوي. ’جمال‘ لفظ جي معنيٰ آهي سونهن، حُسن، خوبصورتي. ممڪن آهي ته جمال لفظ مان ئي ’جمالو‘ نڪتو هُجي. ”هو جمالو“ شادين ۽ خوشين جي موقعن تي ٻهراڙين ۾ ڳايو ويندو آهي. هن قسم جو شعر حُسن ۽ حُسن واري جي تعريف ۾ هوندو آهي.

هڪ روايت مطابق، ”جمالو“ نالو آهي، جو چون ٿا ته گهوڙي سواري ۽ تير اندازي جو ماهر هو. ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ويل هو، ۽ ڪجهه وقت نه موٽيو هو، جنهنڪري سمجهائون ته مارجي ويو. پر ڪجهه وقت کان پوءِ پتو پيو ته جـتـن جي جوءِ ۾ اچي رهيو هو، جتي پنهنجي ڪارنامن جو ذڪر ڪيو هئائين ۽ آخر انهن جي مهماني ڪائي، پنهنجي وٿاڻ وريو هو. اُتي چون ٿا ته جتن، هن جي ڏاڍي خدمت ڪئي، جنهن ڪري رهي پيو. ”هو جمالو“ ۾ ”منهنجو جمالو جتن سان“ ان ڳالهه جو هڪ واضح دليل آهي: والله اعلم بالصواب.

”هو جمالو“ ڳائڻ جو رواج گهڻو ڪري ساريءَ سنڌ ۾ آهي، پر خاص ڪري ڪاڇي، لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ گهڻو ڳايو ويندو آهي. ”هو جمالو“ ٽوليون ٺاهي ڳائيندا آهن. ٻهرين هڪ چٽو سر سان ڏوهيڙو چوندو ۽ پوءِ ٻيا ”هو جمالو“ چوڻ ۾ شامل ٿي، سر وٺائي ڏاڍو منڊل مچائيندا آهن.

هي شعر، پياسي ماڻهن جي پيارن جي پچار ۾، مٺي ۽ محبت واري آواز ۾ سُر ۽ لئي سان ڳايو ويندو آهي. ”هو جمالو“ جا مثال

هيٺ ڏجن ٿا، جن مان معلوم ٿيندو تہ ان جي ڳائڻ مهل ڪيڏي نہ لئي ٿيندي هوندي؟

١ - منهنجو جانـــي آيـو جـُوءِ ۾، هـو جـمالو.
٢ - جنهن جي سڪ آهي روح ۾، هو جمالو.
٣ - جنهن ڪي سائو لڪڻ هٿ ۾، هو جمالو.
هـو جـمالو، هـو جـمالو.

## وائي ، ڪافي ۽ جهولڻا

وائي جو نمونو قديم راڳ نمري تان ورتل آهي. سنڌيءَ ۾ وائيءَ جو رواج ۽ شروعات شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪئي. وائي کان پوءِ، وري ڪافي ۽ جهولڻ جو رواج پيو. ارڙهين صديءَ ڌاري هن قسم جي شعر جو رواج سنڌ ۾ شروع ٿيو.

وائي ، ڪافي ۽ جهولڻو ڀهراڙين ۾ عام جام ماڻهو شادين ، ميڙن ۽ ملاکڙن جي موقعن يا اوطاقن تي ڪچهرين ۾ ڪڙتالن، يڪتارن ۽ دلن تي ڳائيندا آهن.

هن قسم جا شعر ، عشق ، محبت، سڪ ۽ درد سان ڀريل هوندا آهن . هي اهي شعر آهن ، جي سنڌ جي مشهور ۽ ناميارن ڳوين کان ولي، ڀهراڙين جي ڳنوارن تائين ، ۽ ٻيڙن کان ولي ٻارن تائين ، سيڪو پيو تنوارينڊو ۽ جهونگاريندو آهي.

هنن شعرن ۾ نه فقط ظاهري عشق، محبت ۽ سڪ سمايل آهي ، مگر اهي تصوف، اخلاق، محبت ۽ حقيقي عشق جي رنگ ۾ پڻ رتل آهن.

ڪافين جا ته ڪئين نمونا آهن، باقي اڄڪلهه وائي ۽ جهولڻي جو رواج گهٽجي ويو آهي. وائي فقط شاهه ڀٽائيءَ جي درگاهه تي ڳائي ويندي آهي ، ۽ جهولڻا سچل سرمست جي درگاهه تي، ۽ ڪافيون هرهنڌ ، جهرين ٿرين ، واهڻ ۽ وسين خوب ڳايون ويندون آهن.

ڀهراڙين ۾ ڪافين جي ڳائڻ ۽ ٻڌڻ جو شوق ۽ ذوق تمام گهڻو آهي. مجلسن ۽ محفلن ۾ يڪتارن ۽ دلن تي ڳايون وينديون آهن، جتي انهن سازن جي ڌم لڳي پيئي هوندي آهي. مطلب ته ڀهراڙي ۾ ڪافي شعر ٿي حد درجي کان وڌيڪ مقبول آهي. هنن شعرن جو هڪ هڪ مثال هيٺ ڏيئي ڏيکارجي ٿو ته اهي ڪهڙا نه سوز ۽ سڪ ۽ محبت سان ڀريل آهن.

١ . وائي جو مثال :

وڃي ڪين وساري، محبت وڏڙي ماري.
ديواني يــــار، وو! مستاني دلبر، جاني وو!

٢ . ڪافيءَ جو مثال :

محبت عشق مؤلا جي، گهٽا سي گهوٽ گهايا ها،
هزارين ساهه ساجن تان، گهوريون گهوري گهمايا ها.

٣ . جهولڻي جو مثال :

ماڙي وچ محبوب ڏٺم، عجب رُخ روپ تنهن مُل دا،(١)
ڪُٽڙا خوش ڪيلدا، تَرس نه تينهن ڪون تيل دا،
ايجها شمس نه قمر ڏٺوسي، واه شبيه شڪل دا،
تَرس نه تينهن ڪون تيل دا :

---

(١) مل = ملهه، بهادر - حسن ۾ بهادر يعني از حد حسين.

# لولي ۽ ڪوڏاڏا

لولي هڪ خاص قسم جو دهقاني دعائيه شعر، گويا دعائيه لفظن جو مجموعو آهي، جا اڪثر ڪري ماءُ پنهنجي ٻار کي پينگهي ۾ لوڏي، يا گوڏي تي سمهاري، ننڊ ڪرائڻ لاءِ، منڙيءَ زبان ۾، ميناج سان آلاپيندي آهي، يا پيڻ پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ کي، انهيءَ نموني سان لوڏيندي ۽ لولي ڏيندي آهي.

هنديءَ ۾ لوليءَ کي "لوري" چوندا آهن، ممڪن آهي ته 'لولي'، 'لوري' لفظ مان نڪتو هجي، جيئن سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته فلاڻي کي ته پنهنجي سڪ واري لاءِ "لوري" لڳل آهي.

سنڌ ۾ ڪاڇي ۽ ڪوهستان طرف پنهنجي سڪ واري انهيءَ محبوب دوست جي ياد ۾ لولي ڳائيندا آهن، جنهن جي هنن کي رات ڏينهن لوري ۽ جهوري لڳل هوندي آهي. لولي، ٽيه ٽڪو شعر آهي، جنهن جي پٺيان وراڻي ايندي آهي:

"لولي! لولي! لولي! توکي چوان لولي".

لوليءَ جا هڪ ٻه مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن مان معلوم ٿيندو ته هي شعر ٻه پيار، محبت ۽ ميناج وارو آهي.

١. وٺن جو ٻور، مارو ٿيم ڏور،
وڏيو دل جو سور، لولي لولي لولي-
توکي چوان لولي. . . . . . . . !

٢. لولي لولي لولي، مان آهيان تنهنجي گولي،
جهلي اٿم جهولي، لولي لولي لولي،
توکي چوان لولي. . . . . . . . !

ڪوڏاڏو.

"ڪوڏاڏو" پڻ هڪ لوليءَ جو قسم ۾ دعائيه شعر آهي، جو

مائرون پنهنجن ننڍڙن ٻارن لاءِ ڪوڏ مان چونديون آهن، ۽ انهن کي دعائون ڏينديون آهن. ڪوڏاٽا، سنڌي عورتن جي ايجاد آهن. انهن جا مضمون دعائيه هوندا آهن، جيئن هيٺ ڏنل مثال مان معلوم ٿيندو:

ابو جـُـڳ جيئي، شـال وڏي وڏو ٿيئي،
وڳو وٽي جيجل کي ميهڙ منجهان ڏي.

## سهرا يا لاڏا

جهڙيءَ طرح مرد، مجلسن ۽ محفلن ۾ غزل ڪافيون، راڳ روپ ۽ گانا وغيره ڳائي پنهنجو روح ريجهائين ۽ محفل مچائين ٿا، تهڙيءَ طرح عورتون وري شادين، مڱڻن، طهرن يا ڇٽن جي ڇنين يا ٻين خوشيءَ جي موقعن تي پاڻ ۾ گڏجي، سهرا، گيت ۽ راڳ ڳائي منڊل مچائينديون آهن.

”سهرا“ لفظ جي معنيٰ آهي ”موڙ“. موڙ ڪيترن ئي قسمن، جهڙوڪ گلن، مٽڪن، موتين، لونگن، ڦوٽن، زريءَ وغيره جا هوندا آهن، جي گهوٽ کی سر کس ۽ نڪاح وقت ٻڌندا آهن، ۽ ان وقت خاص ڪري ٻهراڙين ۾ عورتون راڳن ۽ گيتن جي ڏم لڳائي ڇڏينديون آهن.

سهرن ڳائڻ جو رنگ ۽ ڍنگ پنهنجي نوعيت جو هوندو آهي. چار يا پنج يا وڌيڪ عورتون گڏجي، دهل يا ڍولڪ تي سوز ڀريئي سُريلي آواز سان رنگ رچائي ڇڏينديون آهن. هو پهريائين مذهبي رنگ ۾ ڳائڻ شروع ڪنديون آهن يعني حضرت نبي ڪريم صلعم، پنجتنن، اصحابن سڳورن، ولين، پيرن يا مرشدن جي تعريف ۾، ۽ پوءِ گهوٽ جي ثنا ۽ مداح ۾ ڳائڻ سان لئي لڳائي ڇڏينديون آهن.

سهرن جي ناهڻ ۽ ڳائڻ جو رواج مدت ڪان هلندو پيو اچي. ههڙي قسم جو شعر ٻين ٻولين ۾ پڻ ڳايو ويندو آهي.

هندوستان ۾ شادين جي موقعن تي مرد سهرا ڳائيندا آهن. سهرا اڪثر ڪري رسم ۽ محل موقعي جي مناسبت سان جدا جدا هوندا آهن. مثلاً: حضرت رسول ڪريم صلعم جي شان ۾ مرشد جي شان ۾ ۽ شادين جي موقعن تي. جهڙوڪ ڳاني ٻڌڻ وقت، ميندي لائڻ وقت، وڳي پهرائڻ وقت، موڙ ٻڌائڻ وقت ۽ لائنُن لهڻ وقت وغيره.

در اصل سهرا، لوڪ ادب ۾ هڪ خاص قسم جي اهميت رکن ٿا، ۽ گهڻو مقبول آهن. چند مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن مان لوڪ ادب جي شاعريءَ جي معيار جو پتو پوندو.

## حضرت رسول ڪريم صلعم جي شان ۾ :

سهرو چوان مان سردار نبيءَ جو، نور نبيءَ جو،
نروار نبيءَ جو،
پنجتن پاڪ پيارا آهن، چڱا چارئي يار نبيءَ جا،
سهرو چوان ....

## ڳاني ٻڌڻ وقت:

ٻڌو ڳانو نہ ڪريو دير، اسين وڃڻ وارا آهيون،
اسين وڃڻ وارا آهيون، هتي رهڻ وارا نہ آهيون،
ٻڌو ڳانو ......
١. دهري ٻنهي جي مان لاڙئون آڻايان،
ٻڌو ڳانو نہ ڪر ....
٢. پازيب ٻنهي جا مان لاڙئون آڻايان،(١)
ٻڌو ڳانو نہ ڪر ....

## ميندي‌ءَ لائڻ وقت :

آڻي قوتا پڇايو، اندر سيج وڇايو،
در تــــي دُهــــَــــل وڄـــايـــو.
در تـــي دُهـــَـل وڄـــايـــو.
ليليٰ جي ميندي هلي مجنيٰ کي لايو،
مجنيٰ جي ميندي هلي ليليٰ کي لايو.

(١) لاڙ وار سهرا چون تہ پنهنجا ڳهہ ڳٺا "پارون" آڻايان، چوندا. پر جيڪڏهن پار وارا (اتر وارا، آترادي) سهرا چون تہ چوندا :

دهـُري آبـَل جي مان لاڙون گهڙايان.

مطلب تہ "لاڙ" وارا "پارون" لفظ ڪم آڻيندا، ۽ پار وارا، وري "لاڙون" لفظ ڪم آڻيندا.

## هندو قومن جا گيت

هندن جي گيتن لاڏن جا پڻ ڪيترائي قسم آهن، جي پنهنجي نوعيت جا آهن، مثلاً: چڪي ۽ چرخي جا گيت، پاٽ پوچا جا گيت، فقيرن جا گيت، ميلن جا گيت، برساتي گيت، اوراڻو، ٻال گيت وغيره، جن جا چند مثال هيٺ ڏجن ٿا. مطلب ته اهڙيءَ طرح عام شاعريءَ جو اڻ ڪٿ ذخيره سنڌ ۾ پکڙيو پيو آهي پر ڪو هجي، جو ميڙي!

### ساڪي

"ساڪي" لوليءَ جي قسم جو هڪ شعر آهي، جو خاص ڪري هندو استريون ڳائينديون آهن. هن شعر ۾ گويا استريءَ جي دل جو نقش هوندو آهي.

ساڪيءَ جي چئن پنجن سٽن اندر خيال سمايل هوندو آهي، ۽ آخري سٽ ۾ هيئن هوندو آهي: "ها ها منهنجو پيپهڙو" جيئن هيٺ ڏنل مثال مان معلوم ٿيندو:

ساڪي ڏيانءِ سنيهڙو،
اڄ ٻيرن ۾ ٻيو ٻتو،
او منهنجا هوت پنهل،
جڏيءَ چيٽ ڦڳڻ ڦتو،
ها ها منهنجو پيپهڙو.

"پيپهڙو" معنيٰ آهي "پکي"، پر هت پيار وچان، "محبوب" ڏانهن اشارو آهي-

"منهنجو پپيهل"، ٻولي ٿو مون سان-
ادي، منهنجو پيهل . . .

### اُپنگ

اپنگ جي معنيٰ آهي گيت. هن قسم جي گيت ۾ وڇوڙي، سڪ ۽ انتظار جا مضمون اچن ٿا، جي استريون جنڊ پيهندي، چرخو ڪتيندي، يا اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن جي ياد ۾ لئي سان ڳائينديون آهن.

"اپنگ" لوليءَ جي قسم جو هڪ شعر آهي، جنهن ۾ سڪ سوز هوندو آهي، جيئن هيٺئين مثال مان معلوم ٿيندو:

انبن جهليا ٻور، ڦٽا گل انگور،
انبن جهليا ٻور.
وڇوڙي جي ويل، ڏکي وڇوڙي جي ويل،
سڄڻ اڄ سويل، نچويان ٿي نور،
انبن جهليا ٻور.
اڏايان ٿي ڪانگ، سڄڻ اڄ ڪنهن سانگ،
وڃي دل وهلور، انبن جهليا ٻور.

پار.

"پار" هڪ درد وارو گيت يا اوراڻو آهي، جو مرثئي وانگر ڳايو ويندو آهي. هن ۾ مري ويل جي گڻن ۽ خوبين جو ڏاڍي سوز ۽ درد سان ذڪر ڪيو ويندو آهي:

آبَل جُواڻي نه مائيمءِ،
مَڙهي ماءُ رُلايمءِ.

ابَل، مُقام تنهنجو هندُ،
پڳءِ ماءُ جو ڪنڌ.

اوراڻو

اوراڻو پڻ لوليءَ جي قسم جو هڪ شعر آهي، جو اڪثر ڪري هندو عورتون ماتا جي وقت ڳائينديون آهن ته جيئن ماتا جي بيماريءَ ۾ ورتل ٻار چڱو ڀلو ٿئي. هن ۾ ماتا ديويءَ کي التجائون ڪنديون آهن ته جيئن هوءَ راضي ٿي، هلي وڃي ۽ سندن ٻارڙو بيماريءَ کان شفا پائي. ماتا کي "مائي" جي نالي سان به سڏيندا آهن:

مائي آئي گهڙي ۾،
مان ڪريان کهڙي ڪرت،
مان ڪريان جيجل جي تات،
شڪارپور جون ڇوڪريون، اما، مائي مائي ڪن.

## پوڄا جا گيت

هندو وڻن، ٻوٽن، ندين ۽ پهاڙن جي پوڄا ڪندا آهن، ۽ اهو رواج اڄ تائين هلندڙ آهي. انهيءَ باري ۾ ڪيترائي گيت خاص ڪري عورتون ڳائينديون آهن:

پـپـل تـو ۾ پـرميشور آهـي،
جيڪو تـو سپ ڪي پار پهچائي،
من انـدر تـو ڏَريـون ڏيـان،
پوپـل ديـوتـا ڪـر ڪليـاڻ.

## سلوڪ

”سلوڪ“ اصل سنسڪرت لفظ ”شُلوڪ“ ۽ پراڪرت لفظ ”سُلوگ“ مان نڪتل آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: گڏ ڪرڻ يا وڏڻ.

”سلوڪ“ سنڌي هندن ۾ عام مقبول آهن: ٽڪاڻن، مڙهين ۽ ساڌن جي ميلن وغيره تي عام جام ڳايا ويندا آهن.

سلوڪ ۾ اڪثر ڪري چار مصراعون هونديون آهن. سنڌ ۾ ڪيترن شاعرن، جهڙوڪ: دلپت، روحل فقير ۽ خاص ڪري ساميءَ جا سلوڪ مشهور آهن، جي هن سورٺن ۽ دوهن ڪي ملائي رچيا آهن، جيئن هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو:

ستگر جهڙو شاهه، ڪـونه ڏنوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو پرينءَ کي، جنهن آتم ڏن اٿاهه،
نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راهه،
ڪري من آڇـاهه، سامي ڇڏيائين چرڻ ۾.

## پنجڙو

پنجڙا، پوڄا جا گيت آهن، جي درياه شاهه جي باري ۾ ڳايا ويندا آهن. هندو ماڻهو درياهن، ندين، خاص ڪري گنگا، جمنا، برهمپترا وغيره جي پوڄا ڪندا آهن. سنڌ جا هندو درياهه شاهه جي

ساراهہ ۾، جيڪي گيت ڳائيندا آهن، تن کي 'پنجڙا' چوندا آهن.
"پنجڙا"، مٺي آواز سان لئي ۾ ڳايا ويندا آهن. مثلاً:

درياه شاهہ، تنهنجي در تي، آيس ساڻ اُڪير،
جوت جاڳندي تو ڏسان، دل کي آيم ڏير،
جن اتڪين لاج رکيئہ تو، تن وسيلو وير،
درياه شاهہ سورهو ريں، آهيون گولا تو گهاٽ جا.

انهيءَ کان سواءِ 'شبد' پڻ هڪ ڌرمي گيت جو قسم آهي، جو سنڌ جا هندو سنڌي زبان ۾ ڳائيندا آهن.

هندو عوام ۾ ساکي، اپنگ، اوراٺو ۽ پنجڙو کان سواءِ ڪئنا گيت، ٻال گيت ۽ اهڙي قسم جا ٻيا ڪيترائي گيت ڏاڍا مقبول ۽ مروج آهن، ۽ گهڻي چاهہ سان ڳاتيا ۽ ڳايا ويندا آهن. اهي گهڻو ڪري لوليءَ جي قسم جا آهن.

هندن ۾ مذهبي لاڙي جا گيت، جهڙوڪ: سلوڪ، شبد، ڪبت وغيره بہ ڪافي مقبول آهن. تنهن کان سواءِ ڀڳت وجهڻ جو رواج بہ سنڌ جي هندو شاعرن ۽ سگهڙن جو هڪ خاص نمونو آهي، جو اڪثر ڪري شادين ۽ ٻين خاص موقعن تي ڀڳت پنهنجي فن ۽ راڳ ڳائڻ جو مظاهرو ڪري ڏيکاريندا آهن. ڀڳت، رات جو ٩-١٠ بجي شروع ڪندا آهن، ۽ ساري رات ڏوليون ڪري ڳائيندا آهن. هن ۾ تمام گهڻو ميناج وارو راڳ، ڏوهيڙا، ڪافيون وغيره ڳائيندا آهن.

## مناظرا يا سوال - جواب

هن قسم جو شعر اڪثر دهقاني شاعرن جو چيل آهي، جنهن ۾ نج سنڌي ٻوليءَ جا محاورا استعمال ڪيل آهن.

مناظرن جي پيدائش خود سنڌ جي ئي سر زمين آهي. مناظرن جي سانگ واري سٽاءَ، سماج تي تنقيد، چرچي گهٻي جو مظاهرو ۽ نج سنڌي ٻوليءَ جا گفتا ۽ محاورا، انهن جون خصوصيتون آهن: اهي گويا عوام جي روز مره جي زندگيءَ جي مشاهدن جو آئينو آهن.

مناظرا يا سوال - جواب، ڪي خوش طبعي جا گفتا آهن ۽ ڪي

وري خيال جي اونهائي، گهوڙهائي ۽ گفتار جي سنجيدگيءَ جا سهڻا مثال آهن، جن جو معيار ڪافي بلند آهي.

خوش طبعي جا مثال: ”مُلو- مَوالي“، ”ٽوپي- پڳ“، ”چلم- ڪونئرو“، ”ڪانگ- ڪڙمي“ وغيره آهن، جن ۾ شاعرن خوش اسلوبيءَ سان، نصيحت جا نڪتا پڻ پيش ڪيا آهن. ڪن مناظرن جي شعر جو معيار پڻ ڪافي بلند آهي. قابل شاعرن ۽ سگهڙن: شاه محمد ديدڙ، شيخ ابراهيم، حسين فقير ديدڙ، رمضان واڍو، شير محمد لغاري وغيره. مطلب ته سوَن جي تعداد ۾ سگهڙن پنهنجي رمز ۽ رڌا سان قسمين قسمين جي منهن مقابلن ـــ جهڙوڪ: عقل- عشق جو مقابلو، سسئي ۽ سهڻي، مارئي ۽ مومل، سسئي ۽ مارئي، ليلان ۽ چنيسر وغيره- دانائيءَ سان پيش ڪري، جنهن نموني ۾ هرهڪ جي واتان پنهنجي نڪتهٔ نظر جي وضاحت ڪرائي آهي، سا قابلِ داد آهي.

هندو راڳيندڙ، جڏهن پڳت وجهندا هئا، تڏهن پڻ سوال- جواب جي نموني ۾، ميناج وارا راڳ پيش ڪري، محفل ۾ رنگ رچائي ڇڏيندا هئا. اڄڪلهه اهو رواج گهٽجي ويو آهي، جو اهڙي قسم جي شاعرن ۽ سگهڙن جي همت افزائي ڪانه ٿي ڪئي وڃي.

سوال- جواب يا مناظرن جي باري ۾ سگهڙن، جي ماڻڪ موتي چيا آهن، تن جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو، جنهن جي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته هن قسم جو لوڪ ادب ڪيڏو نه بلند ۽ نازڪ خياليءَ وارو آهي.

سگهڙ مارئيءَ جي واتان ٿو چوائي:

عمر چاڙهيو اٺ تي ڪري زوراور زور،
تو جان مون نه ڪيو هو، ڪو ڏونگر منجهه ڏور،
پوءِ ڪوڙو ڪري پنهور، توکي ڪوهيارو ڪهي ويو.

سسئي جواب ٿي ڏئي:

ڪوهيارو ڪهي ويو، ته به هئڙم حق حلال،
تو جان مون ڪيو هو، وڃي ڪوٽي منجهه ڪشال،
پوءِ ڙي! منو لڳو هيئي مال، تو مارو سڀ وساريا.

## هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا

”هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا“ عشقيه قسم جي شاعري آهي، هنن جي سري هيٺ، شاعرن ڦوڙائي ۽ فراق، سڪ ۽ محبت جون گهڙيون ڪيئن تيون گذرن ۽ پنهنجي سڪ وارن سان ڪهڙي ڏينهن، ڪهڙي هفتي يا ڪهڙي مهيني ۾، ڪهڙي وقت وصال ٿيندو ۽ وطن جي حب ۽ سڪ جو ذڪر سليقي سان ترتيبوار ڪيو آهي.

انهيءَ کان سواءِ ڪن صوفي شاعرن، سلوڪ جي نُڪتن ۽ نصيحتن کي ظاهر ڪرڻ خاطر، انهن عنوانن کي پڻ استعمال ڪيو آهي. اهڙي قسم جي شاعريءَ جو مثال ٻين ٻولين ۾ مشڪل ملندو. البت مهينن جو عنوان بنگالي ۾ ”بارا ماشا“ ۽ پنجابي ۾ ”باره ماها“ جي نالن سان ملي ٿو؛ باقي سنڌي ۾ هفتن ۽ مهينن کان سواءِ، ڏينهن ۽ راتين جي عنوان کي جنهن هنرمنديءَ ۽ ڪاريگري سان نباهيو ويو آهي، تنهن جو مثال ٻين ٻولين ۾ هرگز ڪونهي.

هيءَ قسم جي شاعري، جا پنهنجيءَ جڳهه تي هڪ جدا گانه نوعيت رکي ٿي، انهيءَ جي باري ۾ خاطريءَ سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي ته ڪڏهن کان شروع ٿي؛ پر ايترو سو چئي سگهبو ته هن قسم جي شاعريءَ جي شروعات، ارڙهين صديءَ ۾، اٽڪل سوا ٻه سئو سالن کان اڳ ٿيل ٿي ڏسجي.

”هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا“ جي نموني تي سنڌي شاعرن، نوَن توڙي پراڻن شاعرن ڪافي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر اڄڪلهه اهڙي قسم جي شاعرن ۽ اديبن جي همت افزائي نه هئڻ ڪري، شاعريءَ جي هن صنف جو رواج گهٽجي رهيو آهي.

هن قسم جي شاعريءَ ۾ اوائلي ڪلام جيڪو ملي ٿو، سو آهي شاهه عبداللطيف جو سُر رامڪليءَ ۾ چيل ”تيه ڏينهن“ ۽ سر سورٺ ۾ ”راتيون“، شيخ ابراهيم جا ”هفتا“ ۽ رمضان واڍي جا چيل ”مهينا“. سندن شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پنجويهين پوربين کي، آڻيندو الله،

ونگي ولين ويڙهيو، ساڻ سنياسين ساه،
اچي آب اکين ۾، اُکنديو آرواح.
(شاهه)

'اربعا' سڄڻ ساريا، خوشيءَ نيڻ ڪان،
ڪيرون ڏينهن 'خميس' جي، واڏايون ورتن،
ڪيو دلاسو دوسن، 'جمعي' جانب آيا.
—شيخ ابراهيم.

'جمعي' ڏينهن جانب لئي، وڏا ڪَيڙم وَس،
ڳوليم تي ڳوٺن ۾، گهيڙ، گهٽيون ۽ گس.
—رمضان واڍو.

جبل جيڏيون سهڻا! 'ڊسمبر' جون راتيون،
گذاريم سڄڻ! در تي پائينديي جهاتيون.
—طالب المولي.

## ٽيهہ اکريون

”ٽيهہ اکري“ جنهن کي سگهڙ ”سي حرفي“ به چون، نظم جي اهڙا صنف آهي، جيڪا عربي ”الف - بي“ جي اکرن موجب سلسليوار چيل هجي. هونئن ته عربي ”الف - بي“ ۾ ڪل اناويهہ اکر آهن، پر استادن، ٻارن کي سمجهائڻ خاطر همزو الف (ء) ۽ لام ۽ الف (لا) جي صورتن کي ٻن جدا اکرن جون صورتون ڏيئي، جملي ٽيهہ اکر ڪيا. انهن ٽيهن اکرن پٺيان جوڙيل نظم کي نج سنڌيءَ ۾ ”ٽيهہ اکري“ چئجي ٿو. انهيءَ ۾ ”الف - بي“ جي هرهڪ اکر کان پوءِ، ان سان ڳٺل اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ملائي نظم جا بند جوڙيا ويا آهن.

”ٽيهہ اکريون“ ٻن قسمن جون ٿينديون آهن: ١. پوري ٽيهہ اکري، ۽ ٢. اڌپوري ٽيهہ اکري. پوري ٽيهہ اکريءَ ۾، عربيءَ جي ٽيهن ئي اکرن مان هرهڪ اکر جي پٺيان، گهٽ ۾ گهٽ هڪ بيت چيل هوندو آهي، ۽ اڌپوري ٽيهہ اکري، انهيءَ کي چئبو آهي، جنهن ۾ عربيءَ جي اصولي اناويهن اکرن، يا انهن کان گهٽ اکرن پٺيان نظم چيل هجي.

”ٽيهہ اکري“ نظم جي صنف ۾، اڪثر شاعرن تجنيس حرفي ڪم آندي آهي، ۽ ڪن وري تجنيس حرفي سان گڏ ” الف - بي “ جي سالم اُچارن بدران اکرن جو اُچار ڏِگهو ڪري ڪم آندو آهي ته جيئن آواز جو ميٺاج وڌي ۽ وزن جو ماڻ پورو پرجي اچي، مثلاً: الف ئون، بي ئون، تي ئون وغيره. هڪ بند هن طرح ٿيندو:

’الف - ئون‘ اکر عشق جو، تا پرتئون پچارين،
’بي - ئون‘ بات برهہ جي، تا سامي هڪ سکن.

ڪن شاعرن وري شروع ۾ ”الف - بي“ جي بدران، انهن اکرن سان شروع ٿيندڙ لفظن سان شروعات ڪئي آهي، جيئن مخدوم عبدالله پنهنجي نظم ۾ چيو آهي:

رحمتون توتي رب جون وسن وير وتار.

”ٽيهہ اکريءَ“ جو سلسلو اٽڪل سوا ٻہ سئو سالن کان اڳ شروع ٿيو، ۽ علمي ماحول جي پيداوار هئڻ ڪري، سڀ ٽيهہ اکريون بحر ۽ وزن ۾ پوريون ۽ محفوظ رکيون ويئون.

هن قسم جو آڳاٽو نظم شاهہ عبداللطيف جي سر رامڪلي ۾، ۽ ميين عيسيٰ (١١٦٣هہ) جو جوڙيل آهي.

ٽيهہ اکرين جا مضمون اڪثر مداحون، مناجاتون ۽ مناقبا آهن. ڪن جو مقصد هدايت ۽ نصيحت پڻ آهي، مثلاً:

١. ’صاد‘ صبر رک تون، روزو اندر روح،
هوا حرص ”مراد“ چوي، ڪڏ ڪٽي وجهہ ڪوهہ.
—— مراد فقير.

٢. ’غين‘ غريبت ساڻ گذار، سخت ڏٽيءَ جي آهہ سرڪار،
—— شاهہ محمد ديدڙ.

ڪي ٽيهہ اکريون وري حق جي ڳولڻ ۽ ويراڳين جي باري ۾ چيل آهن، مثلاً:

’شين‘ شڪر ڪر شاهہ جو، طمع ڪر ترڪ،
وحدت واري ورق، ويجهو ٿي وصال ڪي.
—— محمد فقير کتياڻ.

ڪي ٽيهہ اکريون سنڌ جي رومانوي داستانن بابت پڻ چيل آهن. جيئن تہ وطن جي سڪ ۾ مارئيءَ بابت:

عمر ’عين‘ آهي، نہ ويجهو وطن،
مٽي ماڙيين ڪر، ڏيندم ڪفن.
—— حاجي حافظ حامد.

سسئيءَ بابت:

’سين - نُون‘ سندرو سڪ جو، صاف پڌن ساهي،
پينر هن پنيور ۾، منهنجو ٻيو چاهي؟

سهڻيءَ بابت:

’صاد - نُون‘ صبر ڪر، تون پل پنهنجو پاڻ....
جت وهي مست موجون ڪيو، مٽي متو مهراڻ.

ليلان بابت:

’حي۔ئون‘ حال ههڙو تڏهن مون ٿيو،
ڪوڙي ڪچ ڪنگڻ سين قرب مون ڪيو.

—— مل محمود.

مٿين قسم جي ٿيهه اکرين کان سواءِ ٻيون ٻه ڪيتريون ئي مجاز ۽ محبت بابت آهن. مٿين شعرن ۾ ڏسبو ته ٻوليءَ جي ڪيتري نه فصاحت ۽ بلاغت نظر ايندي، ۽ ههڙي لوڪ شاعريءَ ئي معياري ادب جي پيڙهه پڪي ڪئي. ٿيهه اکريون نج سنڌي شعر جي سانچي ۾ سموهيل آهن.

## واقعاتي بيت

"واقعاتي بيت"، انهن بيتن کي چيو وڃي ٿو، جيڪي عوامي شاعرن، ملڪ ۾ ٿيندڙ واقعن بابت چيا آهن. عام طرح اهڙي قسم جا بيت، ڪن اهم واقعن، مثال طور: درياه جون آٿلون ۽ ٻوڏون، سخت برساتون، ڪاج ۽ شاديون، نوان واهه ۽ آباديون، ڏڪار، زلزلا، گاڏين جا حادثا، ڌرين جا جهڳڙا، اليڪشن جا مقابلا، چڱن مڙسن ۽ بهادرن جا ڪارناما ۽ مسجدن جون اڏاوتون وغيره تي چيل آهن. اهي واقعا هوندي ٿوري گهڙي ڏينهين ضرور وسري وڃن ها، جي اسان جا عوامي شاعر انهن جي ياد گيرين کي پنهنجن بيتن ۾ محفوظ نه ڪن ها. تنهن ڪري اهي "واقعاتي بيت" انهن واقعن جا دفتر ۽ داستان آهن.

واقعاتي بيتن ۾، شاعرن مٿي ذڪر ڪيل واقعن ڪان سواءِ، اهڙن واقعن‌جو ٻڻ ذڪر ڪيو آهي، جن‌جو لاڳاپو ملڪ جي آزاديءَ، عدل، انصاف ۽ ماڻهن‌جي بهبوديءَ ۽ آسودگيءَ سان آهي. اهڙي قسم جا بيت نه رڳو تاريخ جو اهم قومي سرمايو آهن، پر شاعرن جي قومي جذبي ۽ همدرديءَ جو پڻ آئينو آهن.

واقعاتي بيتن مان اوائلي بيت غلام‌محمد ڳڱائيءَ جا چيل آهن، جيڪي هن صوفي شاهه عنايت جي شهادت (١٧١٦ع) ۽ مخدوم عبدالرحمٰن جي شهادت — جيڪا نور محمد ڪلهوڙيءَجي حڪومت ۾، حڪومت جي ڪن ماڻهن هٿان ٿي — ڪان متاثر ٿي چيا آهن. اهڙيءَ طرح چئي سگهبو ته واقعاتي بيتن کي اٽڪل اڍائي سو سالن ڪان وٺي عوامي شاعرن، ملڪي توڙي سماجي حالتن ڪان متاثر ٿي پئي ڳايو آهي. مگر انهن جو سلسلو جو اڄ تائين ڪافي مقبول ۽ مروج آهي، ڪافي ڊگهو آهي، ۽ ان جون ڪڙيون اٽڪل تيرهين صدي عيسويءَ ڪان وٺي ملن ٿيون.

واقعاتي بيت، نه رڳو ملڪي گذريل واقعن جا ياداشت نامه آهن، پر سنڌ جي سماجي حالات جي جائزي وٺڻ لاءِ پڻ معتبر مواد ميسر ڪن ٿا ۽ اصلي ۽ نج ٻوليءَ جو بهترين شاهڪار آهن. اصل ۽ نج سنڌي ٻوليءَ جي لحاظ ڪان مخدوم غلام محمد ۽ ملّا محمود پٽليءَ جا بيت مشهور آهن ۽ سنڌن بيتن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

كاتي پـَوندءِ ڦهر جي، ٻـُـيان ڪا ٻـَرنداءِ!
جهڙي ڪـيـَـئـِي جـَهانَ ۾، آڏِي ســا ايـنداءِ،
اچـِي ڪـڙڪي ڦـِهيرِ جـا، گهوڙا گهر پوندءِ،
هيڏي ڦـُـر نـہ ڦـَبـَندَياءِ، جي تـو پيلاڙا پانيانءِ.

— غلام محمد بگائي.

مٿان جنگ پلٽڻ نـہ مـانجهي مڙيا،
ڏيئي جـنـگ اڙٻـنـگ ورنـہ وڙهيا.

— مل محمود پلي.

شعر جي سٺائيءَ ۽ بيهڪ جي خيال کان فقير يارو شر جا بيت بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. نمونو هن طرح آهي:

اگهيو در الله جي، وڃي صوفـي جـو سودو،
هو مئو، نڪي مرندو، آهي صوفي ياد سين کي.

— فقير يارو شر.

## ڊگها بيت يا نڙ ٻيت

بيتن جا ڪيترائي قسم آهن، جن تي سٽاءَ جي لحاظ کان نالا رکيل آهن، مثلاً: ٻن مصرعن جي بيت کي ”ڪبت“ يا ”دوهو“ چئجي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻن مصرعن کان وڌيڪ مصرعن واري بيت کي ”ڏوهيڙو“ يا ”لوڙائو“ بيت چئجي ٿو. ڊگها بيت اهي آهن، جي ماترائن جي ماڻ ۾ ميل هجن ۽ نه موزون ڪلام جي قالب ۾ ڪتيل هجن. اهڙي قسم جا بيت اڪثر ڪري ڪبير شاهه، حفيظ تيوڻو، حمل فقير، لطف علي فقير، ساوڻ فقير، ٻچائي رند، الهڏني نُوناري وغيره جا چيل آهن، جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ڪبير شاهه:

پنهنجا ساريم سومرا، هُو جي پهرن پٽ پنهوار،
ڏکيا ڪاتيم ڏينهڙا، آءٌ ويني آهيان ڏار...
جن جا اهڙائي آچار، تن کي ڪڏهن ڪيڏو مان ڪبير شاهه چوي.

ساوڻ فقير خاصخيلي:

اڏ لوئي انگ تي، اڏ ۾ خان ڪڙيو،
وَهين ويڙهيچن سان، منهنجو جيءُ جڙيو....
پنوهارن پڙهيو، منهنجو ڪائر پاسي ختمون.

ڊگهن بيتن ۾، بيان جي وضاحت، منظر نگاري ۽ مضمون جي سلاست وغيره قائم رهي ٿي ۽ ساڳئي وقت ربط ۽ ضبط به قائم رهي ٿو، جهڙيءَ طرح حفيظ تيوڻي، حمل فقير ۽ لطف علي فقير پنهنجن بيتن ۾ ڏيکاريو آهي.

ڊگها بيت، خاص ڪري سينگار جي فن کي وڌيڪ چمڪائين ٿا. مطلب ته جيئن سينگار جو بيت ڊگهو، تيئن منجهس آيل انو کيون تشبيهون وڌيڪ واضح نظر اينديون. هن ڏس ۾ شاعر دوست محمد سيني کان گوءِ کٽي ويو آهي. سندس بيتن ۾ ويهه ويهه ۽ پنجويهه پنجويهه مصرعون هليون وڃن ٿيون.

ڊگهن بيتن جو استعمال، خاص ڪري ڳوٺائين ڪچهرين ۾ ٿيندو آهي، جتي اهي بيت نڙ تي چيا ويندا آهن، جن کي ’نڙ بيت‘

چڱبو آهي. هن قسم جي بيت ۾، هڪ چڱو نڙ وڄائيندو آهي، ۽ ٻيو بيت ڏيندو آهي. نڙ وارو (نڙائي) ٻہ پنهنجي ڦوڪ ۾، بيت وارو سُر آلاپيندو آهي: يعني نڙ جي ڦوڪ سان ٻہ رلمِل اهڙوئي آواز پيو نڪرندو آهي ۽ جڏهن بيت پورو ٿيڻ تي هوندو آهي، تہ سُر وٺائڻ وارا ساٿي، ساڻس گڏجي ڍار سان سُر وٺائيندا آهن. بيت ڏيندڙ ۽ سُر وٺائيندڙ ڪنن تي هٿ رکي، سر ملائيندا آهن ۽ ان وقت ڪچهريءَ جي محفل جو عجيب نظارو هوندو آهي. اهڙيون محفلون ميلن، ملاکڙن ۽ شادين جي موقعن تي ٻهراڙيءَ جي اوطاقن تي ٿينديون آهن.

اهڙي قسم جي ڪچهريءَ ۾، راتين جون راتيون گذري وينديون آهن. بيت ڏيندڙ (بيتائي) سنگهرن ۾ هڪ بيت پٺيان ٻيو بيت ڏيندا رهندا آهن، ۽ پوءِ محفل جو مانداڻ مچائي ڇڏيندا آهن. نڙ تي بيت اڪثر ڪري سانوڻ فقير، الهڇائي رند ۽ الهڏني نوناريءَ جا ڪچهرين ۾ گهڻو مقبول آهن.

## سماع يا سمهن

’ سَماع ‘ يا ’ سَمهن ‘ ميناج وارو راڳ آهي ، جو ڏوهيڙن وانگر آلاپي ڳائيندا آهن، خاص ڪري خانقاهن، ولين جي درگاهن، ۽ ڪن خوشيءَ جي موقعن- عيد نمازن ۽ عرسن تي ڳايو ويندو آهي .

”سماع“ عربي لفظ آهي ، ۽ ”سمهن“ سنسڪرت لفظ آهي ، جنهن جي معنيٰ ۽ مطلب آهي : سڪونِ دل ، آرام ، نجات، آخري خوشي . سنڌ ۾ اهو رواج ملتاني درويشن جي مريدن آندو . مذهبي اثر هيٺ آسريل هيءَ عوامي شاعري ۽ اسلام جي اچڻ بعد شروع ٿي، جنهن جا اهڃاڻ اسان کي ڪافي آ ڳاٽا ملن ٿا، يعني شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري زماني کان، يا ان کان به اڳي کان سماع جو سلسلو ، سنڌ ۾ رائج هو .

سماع جا بيت ۽ ڏوهيڙا انسان جي دل جو ميرُ ڪڍي ، پاڪ ڪري قلب کي ربّ تعاليٰ جي طرف رجوع ڪن ٿا . انهن ۾ ذڪر ، ”لاَ اِلٰهَ اِلا الله“ جي اورڻ ڪري ، انسان جو روحانيت ڏانهن لاڙو ٿئي ٿو ۽ بعضي سماع هڻندڙ ، ايترو ته وجد ۾اچي ويندا آهن ، جو بيهوش ۽ بي حال ٿي ويندا آهن. هن باري ۾ مير معصوم ، ”تاريخ معصومي“ ۾ ، اهڙو ذڪر ڪيو آهي (١).

سماع جي ڳائڻ ۾ نوَ ڇٽا يا ان کان وڌيڪ بهرو وٺندا آهن، جن مان هڪ اڳواڻ ٿيندو آهي ۽ ٻيا سُر ورنائي ، جذبات ۽ جوش اٿاريندڙ نموني ۾ پُرسوز لهجي ۾ اوراڻيون ڏيندا آهن .

سماع جي بيت جا ٻه حصا ٿيندا آهن : هڪ ’ اوناڻي ‘ ۽ ٻي ’ لاهڻي ‘. اهو دعائيه به ٿيندو آهي ته پيٽ پاراتي وارو به ٿيندو آهي . جيئن خلافت تحريڪ جي زماني ۾ ، جڏهن انگريزن جي برخلاف، مسلمانن ، هند ۽ سنڌ ۾ هلچل هلائي ، ان وقت سنڌ ۾ پيٽ پاراتي جي نموني سماع هڻندا هئا :

”لنڊن ۾ پيو لرزو ، پورا سڀ پڄي ويا .“

---

(١) ڏسو ’ منهاج العاشقين ‘ عرف شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام . مرتب، ڊاڪٽر محمدعمر دائودپوٽو صفحو ٦-

ٻيا ٻہ هڪ ٻہ مثال ڏجن ٿا، جن مان معلوم ٿيندو تہ هي لوڪ شاعري ڪيتري نہ ميناج ۽ روحانيت واري آهي :

اوناٺي : مديني جا مير، سڀ مُئيءَ جا سڏ،
هئي ڪميٺي ڪيچ ۾، تون گولي نيئي گڏ،
هاڻي چني نا تون چڙ ۽ ڪاهيو وڃ قطار سان.

لاهڻي : سوال سڀي سردار، احمد آيو گهرجين.

—

اوناٺي : ٻاڙي منجهہ ٻرينءَ جي، من مري ماندي،
تہ ايندم احمد عربي، ٿيندم ڪيچ ڏٺيءَ ڪانڌي،
هيڪر هيڪاندي، اتي ٻاڙي ٻرينءَ جي ٿيان.

لاهڻي : ونيو هوت حبيب، جانب جنت ويندو.

ٻيا ٻہ اهڙي قسم جا بيت، هزارن جي تعداد ۾ پيرن، فقيرن، درويشن ۽ ولين جي ثنا ۾ چيل آهن.

انهيءَ کان سواءِ ڌمال بہ سماع جو هڪ قسم آهي : هيءَ ولين ۽ اوليائن، جهڙوڪ، قلندر لعل شهباز ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي درگاهن تي شام يا صبح جو سويل لڳندي آهي. ڌمال ۾ دهل يا نغارا يا پيرون خاص نموني تي وڄائيندا آهن. ”ڌمال“ هندي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي : ٽپ، ڪُڏ، شور وغيره.

# مولود

برصغير هند و پاڪ ۾ سنڌ کي "باب الاسلام" هجڻ جو شرف حاصل آهي؛ انهيءَ ڪري سنڌ وارن جي دلين ۾ نبيءَ صلعم لاءِ، محبت سڀ کان اول پيدا ٿي. سنڌ کان ٻاهر نبي صلعم جي صفت ۽ ساراهه لاءِ "نعت" ۽ "ثناء" جا الفاظ استعمال ٿيندڙ آهن، پر سنڌين نبيءَ صلعم لاءِ، سڪ ۽ محبت جي اظهار لاءِ، هڪ نرالو لفظ ايجاد ڪيو، جنهن کي "مولود" چئجي ٿو.

"مولود" لفظ جي عربيءَ ۾ معنيٰ آهي 'نئون ڄاول ٻار'، پر سنڌين نبي صلعم جي ڄم کي پنهنجي صفت ۽ ساراهه جو مرڪز بنائي، سندن شان ۾ چيل صفت کي "مولود" سڏيو. اهڙيءَ طرح مولود سنڌ ۾ جنم ورتو، جو نج سنڌي ٻوليءَ جو نبپاج آهي.

جيئن ته شعر جي صنف ۾ "مولود" وائي يا ڪافيءَ جي قسم مان آهي، تنهنڪري چئي سگهبو ته جڏهن سنڌ ۾ وائي وجود ۾ آئي، تڏهن ئي "مولود" به مروج ٿيو.

وائي جو رواج ستين صديءَ هجريءَ ۾ پيو، ۽ سماع جي وقت اهڙيون وايون به ڳايون وينديون هيون، جن ۾ نبيءَ صلعم لاءِ، سڪ ۽ محبت سمايل هوندي هئي. هن وقت اسان وٽ انهيءَ زماني جون وايون موجود نه آهن، جن مان مولودن وارن مثالن جو اندازو لڳائي سگهجي.

واين جا مختلف نمونا، اسان کي يارهين صدي هجريءَ ۾ ميين شاهه عنايت رضويءَ ۽ شاهه عبداللطيف جي ڪلام مان ملن ٿا، جن ۾ مولودن واري مضمون واريون وايون شامل آهن. اهڙي قسم جون وايون سنڌ ۾ درويشن جي سماع ذريعي، عرسن، عيدن، ديني جلسن ۽ مرٽي پرٽي جي موقعن تي پڙهجڻ ڪري مشهور ٿيڻ لڳيون ۽ انهيءَ خاص جداگانه حيثيت ڪري سندن خاص نالو "مولود" پڻ مشهور ٿي ويو.

ميين شاهه عنات يارهين صدي هجريءَ جي آخر جو شاعر - ڀهريون پيرو پنهنجي ڪلام ۾ "مولود" لفظ ڪم آندو ۽ پنهنجي هڪ وائيءَ

کي مولود سڏيو. انهيءَ لحاظ کان مولودن جي شروعات شاهه عنات رضويءَ کان ٿئي ٿي. ڪانئس پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، غلام محمد بگائي، مخدوم عبدالله ۽ اشرف شاهه جا مولود ملن ٿا. انهن مڙني شاعرن ۾، مولودن جي لحاظ کان، مخدوم عبدالرئوف ڀٽي بَرک هو، جنهن رڳو مولود ئي مولود چيا آهن.

”مولود“ هڪ اهو نظم آهي، جنهن کي سُر سان پڙهڻ خاطر جوڙيو ويو آهي، پر جيئن ته مولود جو موضوع رسول صلعم جي ذات ئي آهي، تنهنڪري ان کي راڳ جي فن موجب ڪونه ڳائبو آهي؛ پر قرات سان پڙهبو آهي. هن ۾ ڳائيندڙ، جدا جدا ٽوليون ٺاهي، مٺي آواز سان پڙهندا آهن. هرهڪ ٽوليءَ ۾ هڪ اڳواڻ ۽ ٻيا پنج يا ڇهه ”جهيلي“ هوندا آهن. هھڙي طريقي مولودن جي فن کي لاشڪ ڪمال تي پهچايو آهي. چند مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن مان معلوم ٿيندو ته انهن ۾ ڪيترو نه معياري ادب سمايل آهي، مگر اهو لوڪ ادب ۾ ان ڪري شامل ڪيو ويو آهي، جو عوام ۾ مقبول آهي ۽ عام طرح ڀهراڙيءَ ۾ ان جو رواج گهڻو آهي.

پيان پاڻي سَندو زَمَ زَمِ - چڙيان احرام اُت چوڙي،
مديني مير وٽ موليٰ - ٽڪيءَ ڀهچاءِ ڪنهن ٽوري.
پيان پاڻي سندو زم زم....
منارا مير مرسل جا، ڏِسان شل ڏيهه سڀ ڏوري....
هلي هالا مٿيان ميسا، آنڙيور کي چڙيان اوري.

— مخدوم عبدالروف ڀٽي

# مدح

"مدح" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: ساراهه يا واکاڻ ڪرڻ. مولود ۾ فقط پاڻ ڪريمن جي صفت ۽ ساراهه هوندي آهي، پر مداح ۾ رسول ڪريم جي صفت سان گڏ اصحابن سڳورن ۽ اولياءَ ڪرام جي واکاڻ ۽ تعريف به ڳائي ويندي آهي.

مداحون عام طرح ٻهراڙين ۾ مسجدن ۾ جمعرات يا درويشن ۽ ولين جي درگاهن تي پڙهيون وينديون آهن. هن قسم جو سنڌي شعر عوام ۾ ڏاڍو مقبول آهي. مداحن ۾ اڪثر ڪري هرهڪ بيت (ٻن مصراعن) کان پوءِ ساڳيو بند ايندو آهي، مثلاً:

آهيان ڏڌ، غمن گڏ؛ سچا سڏ، سڻج تون....
پلا چام، هن غلام، سندو سوال، سڻج تون. ـــ مياں سرفراز

ڪي مداحون موزون آهن ته ڪي وري ناموزون. مداحون ڪيترن ئي ماڻهن چيون آهن، جن مان ميان سرفراز، مخدوم عبدالله، جمن چارڻ، فتح فقير وغيره جون تمام مشهور آهن.

دراصل مولود، مداحون، معجزا ۽ سماع موضوع جي لحاظ کان لڳ ڀڳ هڪ ئي قسم جا شعر آهن، جيڪي خاص ڪري رسول صلعم، اصحابن سڳورن، اوليائن ۽ درويشن جي شان ۾ چيل آهن، ۽ اسلامي رنگ ۾ رچيل آهن.

## مناقبا

لفظ ”مناقبو“ عربي لفظ ”مَنْقَبَة“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: نيڪي، لچڻ، درجو يا منزل. سنڌيءَ ۾ مناقبو البت هڪ خاص معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي. هي نظم جو اهو نمونو آهي، جنهن ۾ نبين، ولين ۽ اصحابن سڳورن مان ڪنهن جي ڳڻن ۽ خوبين جي تعريف ڪيل هوندي آهي.

”مناقبو“ نظم جي صنف، فقط سنڌي ۾ ئي آهي. عربي يا فارسيءَ ۾ اهڙي قسم جي نظم جي ڪابه صنف موجود نہ آهي. سنڌي مناقبي ۾ ڪنهن بہ ڳالهہ يا حڪايت جو ذڪر، ممڪنات جي دائري ڪان ٻاهر نہ هوندو آهي. اهوئي سبب آهي، جنهنڪري اسين مناقبي جي ڪنهن بہ ’واقعي‘ کي، ’معجزي‘ کان جدا ڪري سگهون ٿا.

”مناقبو“ نظم جي صنف، اٽڪل ڇہ سئو سالن کان بہ اڳ جي وجود ۾ آيل آهي، ۽ عوام ۾ اڄ تائين ڪافي مقبول آهي. آڳاٽن شاعرن مان مخدوم غلام محمد ٻگائي ۽ مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ (وفات ١٧٥٢ع) جا منا قبا ملن ٿا.

سنڌي مناقبن جي سٽاءَ ۽ بيان جي طريقي تي، اوائلي سنڌي نظم جو رنگ چڙهيل آهي؛ ڇاڪاڻ جو اهي ابوالحسن جي سنڌيءَ ۽ ٻئي آڳاٽي ديني ادب جي اثر هيٺ وڌيا ۽ ويجهيا هئا. ڪن مناقبن ۾ اها بہ خوبي آهي، جو منجهن رنگيني پيدا ڪرڻ خاطر، هڪ کان وڌيڪ قافيا استعمال ڪيا ويا آهن.

مناقبن جا مضمون، عام روايتن تي ٻڌل آهن: اهي نبين، ولين ۽ اصحابن جي چڱاين ۽ ڀلاين بابت ٻڌل ۽ سڻيل ڳالهين تي مبني آهن جيئن تہ مناقبن جو مقصد آهي، چڱن جون چڱايون بيان ڪرڻ، ۽ اهو روايتن سان بہ پورو ڏي سگهي ٿو؛ تنهنڪري مناقبن جي تاريخي حقيقت جو خيال نٿو رکيو وڃي.

مناقبن کي مضمون جي لحاظ کان مناجاتن ۽ مداحن جي صف ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو، پر مناقبن جو مرڪزي خيال هڪ روايت

اتي هجڻ ڪري، شاعر لاءِ، مضمون توڙي اسلوب بيان جو دائرو بلڪل محدود هوندو آهي. مگر انهيءَ هوندي به شاعرن، مناقبن جي نظم ۾ مٺي زبان ، لطف ۽ ميٺاج پيدا ڪرڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي آهي: خاص ڪري مخدوم محمد هاشم رح سهڻي، اصل نج ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾، جيڪي مناقبا چيا آهن، سي پنهنجو مٽ پاڻ آهن، مثلاً:

سينگاري سهڻو ڪيائين، مٺي مَرڪن موچارا،
پَٽ پارچا پِرينءَ ڪي، خاصا ڏڪايا،
جهڙي وصف وَهٽ جي، طرح تجويزا،
چاڙهي هليو آٺ تي، مٺو محمدا ......

# مرثيو

”مرثيو“، هڪ قسم جو درد ۽ غم وارو شعر آهي، جنهن ۾ ڪنهن دردناڪ ۽ الم خيز واقعي جو ذڪر ڪيل هوندو آهي.

”مرثيو“ عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: ”فوت ٿي ويل جو بيان، اهڙي درد انگيز نموني ٻڌائجي، جو ٻڌندڙ ائين محسوس ڪري، ڄڻڪ اکين ڏٺي واقعي جو بيان ٿي رهيو آهي.“

در اصل هن قسم جو شعر، نهايت ڪُهنو ۽ قديم آهي، جنهن جي شروعات ڪي تاريخ نويس ائين لکن ٿا ته حضرت آدم جي پياري پٽ هابيل جي قصي سان ٿي آهي.

عربن جي شاعري ۾ مرثئي سان شروع ٿئي ٿي. پارسي ۽ اڙدو زبانن ۾ پڻ گهڻا مرثيا چيا ويا آهن. انهن زبانن ۾ مرثيه گو شاعر جهڙوڪ: فناءَ ۽ متعمر (عربي ۾) شيخ سعدي ۽ امير خسرو (پارسي ۾) ۽ ميان مسڪين ۽ مير انيس ۽ دبير (اڙدو ۾) مشهور ٿي گذريا آهن.

”مرثيه“ ٻين ٻولين جهڙوڪ: پنجابي، سرائڪي وغيره ۾ پڻ ناهيا ۽ پڙهيا ويندا آهن. جيئن ته سنڌي ٻوليءَ تي اچا لُڙ ۽ لَٽ چڙهيل آهي، تنهنڪري پورو پتو نٿو پوي ته مرثين جي ابتداءَ ڪنهن ڪئي! مگر سنڌي سگهڙن ۽ شاعرن، ڏوهيڙن جي صورت ۾ اوائل ۾ مرثيا چئي، ڪربلا جي قضيئي کي غمناڪ پيرايه ۾ پيش ڪيو آهي. شاهه لطيف پنهنجي سُر ڪيڏاري ۾، ڪربلا جي قضيئي جي پوري تصوير ڪڍي آهي. تنهن کان سواءِ مخدوم عبدالله جو شهادت نامو ۽ احسان فقير جا بيت پڻ مرثيه جو نمونو آهن.

سنڌ ۾ پهريائين پهريائين ثابت علي شاهه ئي ترتيبوار مرثيه جو شعر پيش ڪيو ۽ تنهن کان پوءِ ٻين ڪيترن شاعرن پڻ مرثيا چيا آهن.

”مرثيه“ گهڻو ڪري شهرن توڙي ٻهراڙيءَ ۾ محرم جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ خوب پڙهيا ۽ ڳايا ويندا آهن. هي شعر پڻ عوام ۾ ڪافي مقبول ۽ مروج آهي. هڪ ٻه مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن مان مرثين جي نوعيت جو پتو پوندو.

مثال ١-

هڪ پل ۾ ميتجي ويئي، اڪبر جي جواني،
مارپائون قاسم شاه، حسن جي نشاني،
اصغر ڪٺي جهولي ۾ کهايو،
امت ڪي ات ڇڏايو.

مثال ٢-

جڏهن حسيني قافلو، ڪاهيائون شام ڪي،
قيدي ميڙي امام جي، آيا سلام ڪي.

عورتون وري اوسارا ۾ زاريون پڙهنديون آهن.

مثال :-

روئي ته بيبي فاطمه، جنهن جي خالي آهي جهولي.

# باب ٽيون

## لوڪ ڪهاڻيون

سنڌي لوڪ ادب ۾، عوامي شاعرن ۽ ٻين لوڪ ادب جي صنفن سان گڏوگڏ عوامي قصن ۽ ڪهاڻين کي پڻ وڏي ۾ وڏي اهميت آهي. حقيقت ۾ لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ ادب جو اهم حصو آهن، جن ۾ هر انساني گروه جون ۽ مجموعي طرح سان سڄي دنيا جي قومن جي پراڻن آثارن جا داستان ۽ دستاويز آهن، ڇاڪاڻ ته انهن سان انسان - ذات جي ڪهني زماني جي ريتن رسمن، رواجن، ٻرمن، وسوسن، ۽ نفسياتي لاڙن، ۽ انهن جي ذهني ارتقاء جي تاريخ جي خبر پوي ٿي.

جهڙيءَ طرح سان ٻيون لوڪ ادب جون مشهور صنفون- جهڙوڪ، ٻهاڪا ۽ ڇوٽيون وغيره - انسان ذات جي ڪنهن خاص طبقي تائين محدود نه آهن، تهڙيءَ طرح لوڪ ڪهاڻيون پڻ انساني گروه جي ڪنهن خاص طبقي يا دنيا جي ڪنهن خاص خطي تائين محدود نه آهن. جيتوڻيڪ لوڪ ڪهاڻين ۾، پنهنجو ملڪي رنگ نظر ايندو آهي ۽ ڪي ملڪي يا نيم تاريخي لوڪ ڪهاڻيون به موجود آهن، مثلاً: سسئي پنهون، مومل راڻو، ليلان چنيسر، سهڻي ميهار وغيره. مگر ڪيتريون اهڙيون ڪهاڻيون به آهن، جيڪي ٿوري ڦير گهير سان، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن. انهن ۾ بادشاهن، شهزادين، وزيرن، پرين، ديوَن، ڏائڻن، جنن ڀوتن وغيره جون آکاڻيون اچي وڃن ٿيون.

لوڪ ڪهاڻيون ڪيئن وجود ۾ آيون ۽ انهن جي ڪٿان ابتدا ٿي، ان باري ۾ ڪا اهڙي پڪي طرح معلومات حاصل نه ٿي سگهي آهي. لوڪ ڪهاڻيون ڪڏهن نهيون، ۽ ڪنهن ناهيون؛ تنهن باري ۾ البت ايترو چئي سگهجي ٿو ته اهي انساني تاريخ واري ساري گذريل

دور ۾ پيدا ٿيون ۽ سامايون آهن. انهن جي ابتدا، انسان - ذات جي پيدائش کان ئي شروع ٿيل ٿي ڏسجي. پوءِ اهو سلسلو پيڙهين کان هلندو ٿو اچي.

گهڻو ڪري ڪهاڻيون سڀ زباني ڪٿائون آهن، جي سيني بسيني هلنديون پيون اچن. اڳئين زماني کان وٺي، وندر ورونهن لاءِ، ڪهاڻيون ۽ قصا ٻڌائڻ هڪ وڏو وندر جو ميدان پئي رهيو آهي. اهو سلسلو قديمي ۽ ڪهني زماني جو آهي.

ڪهاڻين جو بنياد، حقيقت ۾، انسان - ذات کي وندرائڻ ۽ انهن ۾ سورهيائي، بهادري، همت، قرباني، همدردي، عشق ۽ محبت وغيره جو روح ڦوڪڻ، ۽ اهڙي قسم جو مادو پيدا ڪرڻ لاءِ ٿيو؛ چاڪاڻ ته ڪهاڻين جا ڪهنا ڪردار جهڙوڪ ديوَ، راڪاس، پريون، جن، ڀوت، جادوگر، ڏائڻيون وغيره آهن، جن جو مقابلو ڪرڻ، ۽ انهن جي هيبتناڪ ڪارروائين کي بهادريءَ ۽ همت سان منهن ڏيڻ ٻڻ پهلوانن جو ڪم آهي.

انهن ڪهاڻين ۾ اڪثر ڪري بادشاهن، شهزادن، اميرن، وزيرن، وڏن سردارن ۽ سوداگرن وغيره جا ذڪر به ڪيل آهن. ڪي ته وري عشق ۽ محبت جا افسانا ٻڻ آهن، جن ۾ شاهي شهزادا پَرين ۽ حُورن جي عشق ۾ اٽڪي، پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪيترن راڪاسن، ديوَن، ڏائڻين وغيره جا بهادريءَ سان مقابلا ڪري، پنهنجي منزل مقصود تي پهچن ٿا.

ڪهاڻين جا سورما اڪثر انسان هوندا آهن، پر انهن جي همت ۽ طاقت رواجي انسانن کان وڌيڪ هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هو ديوَن، راڪاسن ۽ پرين کي پنهنجو مطيع بنائي ٿا سگهن.

لوڪ ڪهاڻين جو سلسلو خاص ڪري وندر ۽ ورونهن لاءِ رائج ٿيل آهي ۽ انهن جي سٽاءُ خاص فني نه آهي، بلڪ فطري آهي ۽ عوام جي سادي ذهن ۽ طبع جو عڪس آهي.

لوڪ ڪهاڻين جا دنيا ۾ ڪيترائي جهونا ڪتاب آهن، جن مان

هينيان چار ڪتاب وڌيڪ جهونا ۽ قديم آهن. انهن مان معلوم ٿيندو ته ڪهاڻين جو سلسلو ڪيترو نه ڪهنو ۽ قديم آهي: ١- پنجتنتر (برهمڻ)، ٢- ڪليله و دمنه(ايراني)، ٣- سامديو ڀٽ 'سريت ساگر ۽ ۴- هتو پديش(ٻوڌي). انهن ڪتابن مان "پنجتنتر ۽ "ڪليله و دمنه" جي قدامت ۽ اصليت بابت مختلف رايا آهن. هي معاملو ڪافي وقت تائين تحقيق طلب رهيو آهي ته سنسڪرت ڪتاب "پنجتنتر" سيني کان وڌيڪ قديم آهي ۽ دنيا جي ڪيترين ڪهاڻين جي بنياد جو دارو مدار انهيءَ ڪتاب تي آهي. هن ئي ڪتاب جي بناء تي اڳيان مشرقي توڙي مغـربي عالم ۽ اديب، انهـيءَ راء جا هئا ته، "هندوستان ئي لوڪ ڪهاڻين جو سرچشمو آهي." پنجتنتر جي اصليت بابت ڪيٿ لکي ٿو ته، "اسان وٽ ڪوبه اهڙو مناسب سبب نه آهي، جو اسين اهو قياس ڪريون ته پنجتنتر جي برابري وارو ٻيو ڪو اهڙو ڪتاب انهيءَ وقت موجود هو (1)." جيتوڻيڪ اهو چيو وڃي ٿو ته "پنجتنتر" ٢٠٠ ق. م ڌاري لکيو ويو، ۽ "ڪليله و دمنه" ٥٧٠ع ڌاري پهلوي زبان ۾، ڪنهن هندستاني ڪتاب تان ترجمو ڪيو ويو، انهيءَ باري ۾ هي قياس پڻ ڪيو ويو ته اهو "پنجتنتر" تان ترجمو ڪيو ويو آهي. مگر موجوده تحقيقات موجب انهن راين تي ڪافي اختلاف آهن" (2). انهيءَ ڪري اهو بلڪل درست آهي ته"ڪليله و دمنه" جي اصليت جو "پنجتنتر" سان ڪوبه بنيادي تعلق نه آهي، (3). هئرولڊ والٽر لاوٽن به انهيءَ راء کي مشڪوڪ نظر سان ڏسندي لـکي ٿو، "اهو ممڪن آهي ته ٻنهـيءَ جو ذريـعو ساڳيو هجي."(4)

بهرحال انهن ٻن مشهور ڪتابن کان سواء ڪهاڻين جو ٽيون نمبر ڪتاب "سامديو ڀٽ رام جو ڪٿا سريت ساگر" (١١ صدي عيسوي) به مشهور آهي. هي ڪتاب، ڪشمير جي راجا جي زال سريا متيءَ جي دل وندرائڻ لاء لکيو ويو هو. هن جو ڪافي حصو پنجتنتر تان ورتل

(1) A.B. Keith: A History of Sanskrit Literature Page 245.
(2) A'B. Keith: A Histoay of Sanskrit Page 246.
(3) Dr. N.A. Baloach: Sind University Journal 1961.
(4) Chambers Encyclopedia page 559.

آهي، (1). انهيءَ کان سواءِ ٻوڏي ڪتاب هتو پديش (٣٧٣١ع) ۾ پڻ ٿورين گهٽ وڌاين سان پنجتنتر جو اختصار ئي آهي، جو نارائڻ نالي هڪ شخص بينگال طرف لکيو. مگر هي حقيقت ثابت ٿي چڪي آهي ته ”ڪليله و دمنه“ ڪهاڻين جو سرچشمو آهي، ۽ يورپ ۾ پڻ اهي ڪهاڻيون ”ڪليله و دمنه“ جي معرفت ئي پکڙيون.

سڀيئي محقق انهيءَ راءِ جا آهن ته يورپ جي ڪهاڻين تي مشرق جي هنن ڪتابن جو تمام گهرو اثر آهي، جيئن ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو، ”انهيءَ قسم جون ڪهاڻيون هند ۽ ايران جي وچ وارن علائقن (موجوده مغربي پاڪستان، افغانستان، ۽ اوڀر ڏکڻ ايران) ۾ اسريون ۽ اتان پوءِ ٻين پاڱن ۽ ملڪن ۾ رائج ٿيون (٢)“.

قرون وسطيٰ وارا مشرق ۽ مغرب وارا تعلقات، جيڪي اسلام جي ظاهري توڙي روحاني طرح سان پکڙڻ جي ڪري پيدا ٿيا، تن مشرق جي مشهور لوڪ ڪهاڻين کي يورپ تائين پهچايو. مطلب ته اسلام جي پکڙجڻ ڪري، وچ واري دور کان وٺي، مشرق کان مغرب طرف ڪهاڻين جو مسلسل تبادلو ٿيندو رهيو. جيتوڻيڪ عام دلچسپيءَ وارين ڳالهين جا ڪي ٿورا واقعات يورپ ۾ پنجين صدي ق. م. ۾ پڻ ملن ٿا.

ايسپ جي يونانين ڪهاڻين بابت چيو وڃي ٿو ته اهي پنجين صدي ق. م. ڌاري لکيون ويون. انهن اصل آکاڻين بابت يقين سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي، مگر ائين چيو وڃي ٿو ته ڊيميٽيريس نالي هڪ شخص پهريون ماڻهو هو، جنهن انهن آکاڻين کي پهريون ڀيرو، چوٿين صدي ق.م. ۾ شايع ڪيو، مگر هن وقت ان جو ڪوبه نسخو موجود نه آهي. فاڊرس جي تحرير مان پتو پوي ٿو ته پهرين صدي عيسويءَ ۾ انهن کي يونان ۾ لکيو ويو. (3)

بهرحال اهڙيون ڪيتريون ئي نيشانيون ملن ٿيون، جن مان معلوم

(1) A . B . Keith : A History of Sanskrit Literature Page 246 .
(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ”سنڌي لوڪ ڪهاڻيون“، جلد پهريون، صفحو ١٥-١٦
(3) Halliday: Indo-European Falk Tales Page. 46.

ٿئي ٿو ته ايسپ جون آکاڻيون مغربي يونان ۾ ڪافي وقت کان مشهور هيون، ”انهن مان ڪيترين جا نشان مشرق بعيد ۾ پڻ ملن ٿا. (1) هيرودوٽس (۴٨٠-۴٩٠ ق. م.) پنهنجي تاريخ ۾ ڪيتريون ڳالهيون لکيون آهن، جن مان ڪن بابت هو چوي ٿو ته اهي مصري تاريخ جو هڪ حصو آهن.

مٿين ڳالهين مان سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته لوڪ ڪهاڻين جي اصليت جو معاملو ڏاڍو منجهيل ۽ ڪهنو آهي، ان جي اصليت ڳولي لهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. حقيقت ۾ لوڪ ڪهاڻيون آئيسلنڊ کان وٺي، برصغير هند و پاڪ تائين، ڪافي مشابهت ٿيون رکن:

”انڊو - يورپين ڪهاڻين ۾ واقعات ۽ پلاٽ جي هڪجهڙائيءَ جا بيشمار مثال موجود آهن. جيڪڏهن آئيسلنڊ کان وٺي، هندوستان تائين وچ وارن ڪن ٻه ٻن ملڪن جي لوڪ ڪهاڻين جي مجموعن کي پاڻ ۾ ڀيٽبو ته پتو پوندو ته انهن ۾ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ساڳيون آهن. (2) ٿيوڊر بينفي، جنهن جو ڪتاب ١٨٥٩ع ۾ شايع ٿيو، لکي ٿو ته، ”هندوستان، يورپ جي لوڪ ڪهاڻين جو سرچشمو آهي (3)“ انهيءَ کان سواءِ جرمنيءَ ۾ *Kohler* ۽ انگلنڊ ۾ *Clouston* جي لکڻين هن ڳالهه جي پٺڀرائي ڪئي آهي ته يورپ جي ڪهاڻين جو بنياد مشرق آهي. ساڳئي وقت تي فرانس جي مشهور مصنف *Immannel Cosquin* پڻ انهيءَ راءِ جي پر زور حمايت ڪئي آهي. مگر هليڊي انهن جي مخالفت ڪندي لکي ٿو، ”هي ڳالهه ظاهر آهي ته ڪهاڻيون ڦهلاءَ سبب پکڙيون آهن؛ انهيءَ حالت ۾ ڪنهن هڪ ذريعي بابت راءِ قائم ڪرڻ مناسب نه آهي. (4)

ماهر مشرقيات بينفي جي هيءَ راءِ ته: ” هندستان، انڊو - يورپين ڪهاڻين جو سرچشمو آهي ۽ اهي مشرق کان مغربي ملڪن ڏانهن پکڙيون آهن“- ڪاسڪن *Cosguin* کي پڻ ڪافي اثر انداز ڪيو.

---

(1) Ibid - Page 48.
2. Ibid- Page. 13.
3. Theodore Benefy: Pantantra.
4. Halliday: Indo-European Folk Tales Pages 31-32

هنن بنهي جي انهيءَ نظريي کي عقل ۽ سمجهه جي رواجي اصولن موجب قبول ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهو سمجهي نٿو سگهجي ته ڪيئن فقط هندوستان جا رهاڪوئي انسان - ذات جي هن ڏات سان نوازيا ويا.

ڪهاڻين جو هميشه کان وٺي، سڄيءَ دنيا ۾ رواج هو، ۽ اهي تبادلي سبب سڄي دنيا ۾ پکڙيون آهن؛ جيڪڏهن هندوستان مان ڪنهن ڳالهه جي زباني روايت ملي آهي ته ڪاسڪن ائين ٿو سمجهي ته انهيءَ ڳالهه جو بنياد هندوستان آهي. ڪيتريون ئي هندوستاني روايت واريون ڳالهيون، اسلام سان گڏ هندوستان ۾ پکڙيون آهن. ڪاسڪن جي راءِ مطابق، جيتوڻيڪ اهو درست ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن به هندوستاني ڳالهه ۾ عربي لفظن جي موجودگي، انهيءَ ڪهاڻيءَ جي عربي اصليت ثابت نٿا ڪن. مگر "نصيب"، "غل"، "فقير" وغيره جهڙن عربي لفظن جو استعمال هي ڳالهه ثابت ٿو ڪري ته هندوستان جي ڪافي حصي تي عربيءَ جو اثر هو، ۽ انهيءَ حقيقت هن ڳالهه کي ممڪن بنائي ڇڏيو آهي ته اتر هندوستان جون ڪيتريون ئي ڳالهيون، اسلامي بنياد سان تعلق رکن ٿيون.

مٿين راءِ مان ثابت آهي ته برصغير هندو پاڪ جون اصل ڪهاڻيون جي يورپ جي ڪهاڻين جو بنياد آهن، سي اسلامي اصليت سان ئي تعلق ٿيون رکن، جن جو مرڪز هن ملڪ جو اهو حصو هو، جتي سڀ کان پهريائين اسلام جو جهنڊو بلند ٿيو.

انهيءَ باري ۾، بٽي هنٽ هيليڊي لکي ٿو، "اهي دليل خواه‌مخواه ڪهاڻين جي هندوستاني اصليت جي دعويٰ ٿا ڪن. اهي فقط زباني روايتن ۾ قلمبند ڪيا ويا آهن، جي قابل اعتبار نه آهن؛ ڇاڪاڻ ته انهن جي قدامت جي هندوستان جي سر زمين تي ڪابه تصديق نه آهي. انهيءَ کان سواءِ پيا به ڪيترائي سبب آهن، جن مان هيءَ ڳالهه ظاهر ٿي ٿئي ته انهن مان ڪيتريون (ڳالهيون) هندوستان ۾ اسلام جي معرفت آيون (١)".

(1) Encyclopidia Britannica Vol. 9, Page 444.

مغربي عالمن جي انهن راين مان ثابت ٿو ٿئي ته موجوده سنڌ ۽ مغربي پاڪستان وارو حصو، جنهن کي 'باب الاسلام' چيو وڃي ٿو، سوئي هندستان ۾ ڪهاڻين جو گهر آهي. انهيءَ ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته دنيا جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون سر زمين سنڌ جي پيدائش آهن ۽ منجهانئن ڪيتريون وري سنڌ جي معرفت ئي ٻين ملڪن ۾ پکڙيون. سنڌي ڪهاڻين ۾ سنڌيت ۽ سنڌي تمدن جي اصليت جا ڪيترائي آثار ملن ٿا.

سنڌ ۾ ڪهاڻين جو سلسلو نهايت ڪهنو آهي ۽ اهي ڪهاڻيون گهڻو ڪري سڀ زباني ڪٿائون آهن، جي سينهي بسينهي هلنديون آيون آهن. انهن جو دارو مدار محض زباني روايتن تي آهي، نه ڪنهن لکيل متن تي. اهي سڀ پيڙهين کان هلنديون اچن.

اهي ڪهاڻيون ۽ قصا، نثر، نظم، تڪبندي نثر ۽ ڳاهن ۾ ٻڌايون وينديون آهن، ته جيئن ٻڌندڙ پوريءَ طرح توجه ڏيئي، سڻن ۽ ٻڌن، ۽ ياد ڪري، ٻين کي ٻڌائيندا اچن. اهي سڀ تفريح خاطر ٻڌايون وينديون آهن. سنڌ ۾، خاص ڪري واهڻ، وسين، ڳوٺن، جهنگن، ٿرن برن ۽ ٻيو به جتي جتي عوام لاءِ ٻي ڪا وندر جي وٽڪار نه آهي، اتي ڪهاڻين ۽ قصن بيان ڪرڻ سان، اتان جي رهاڪن لاءِ، هي ڳالهيون وڏي وندر ۽ روح ريجهائيندڙ آهن.

جيتوڻيڪ ائين محسوس ڪيو ٿو وڃي ته اهي ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون، ٻهراڙيءَ جي عام ماڻهن جا بيڪار قصا آهن، پر حقيقت ۾ اهي ڏاڍا نصيحت آميز آهن ۽ لوڪ ادب جو هڪ وڏو علمي ذخيرو آهن. اهي ڪتابي صورت ۾ نه، مگر بياني صورت ۾ وڏن جون يادگيريون آهن. مطلب ته اڻ لکيل علمي خزانو آهن، جن ۾ عشق ۽ محبت، ريتن رواجن ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين جا داستان ۽ دفتر سمايل آهن.

سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين سان لاڳاپو رکندڙ ايترو ڪارائتو ۽ قيمتي ادب آهي، جنهن جو ذخيرو گڏ ڪجي ته سنڌي ادب جو هڪ وڏو خزانو ثمار ٿي وڃي.

انهن ڪهاڻين ۾ اهڙيون دلبهار جذبي سان ڀرپور ڳالهيون آهن، جي انساني امنگن کي ڪڙو ڪيو ڇڏين ۽ وري انهن ۾ اهڙيون روايتون ملن ٿيون، جن ۾ گهرا انساني جذبا، آتنون، اميدون، آسرا، سڌون ۽ محبتون لڪل آهن، جو انهن ۾ اسين جهاتي پائي سنڌي ماحول، مزاج، تهذيب ۽ سوچ ۽ ويچار جي لاڙن جون چٽيون پٽيون تصويرون ڏسي سگهون ٿا. انهن سنڌي ڪهاڻين ۾ بهادريءَ جاڪارناما، محبت ۽ عشق سان ڀريل ڳالهيون، قومي ۽ قبائلي عظمتن جا قصا، پرين، ديون ۽ راڪاسن جون ڏند ڪٿائون سمايل آهن. مگر انهن سڀني ۾ اسان جي سنڌي لوڪ ادب جا آميت ۽ اَملهه دفتر آهن.

لوڪ ڪهاڻيون يا عوامي رسم و رواج، هرويرو سڀئي ايترا پراڻا نه آهن، مگر انهن ۾ وقت بوقت عام ماڻهن جي خيالن، چاهه ۽ ادب مان هميشهه اضافا ٿيندا رهيا آهن ۽ انهن ۾ تبديليون ايندڙيون رهيون آهن.

مضمون جي لحاظ کان عوامي ڪهاڻين کي چئن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، ١ ڏند ڪٿائون، ٢. پرين جون ڪهاڻيون، ٣. روايتي يا نيم تاريخي قصا، ۽ ٤. جانورن جون آکاڻيون جيڪي ننڍي هوندي ٻندر لاءِ بيان ڪيا ويندا آهن (1).

ڏند ڪٿائن ۾ انساني ذهن يا خيال جي انهيءَ حيرت جي فڪر جو جواب سمايل آهي، جنهن بابت ارسطو ٻڌائي ٿو ته: هي فلسفي جو بنياد آهي. انهيءَ ۾ انساني تصور جي وسيلي، اهي تخيل پيش ڪيل آهن، جن کي پوءِ سائنس دليلن سان ثابت ڪيو آهي. هنن ۾ ڪائناتي عجائبات جو بيان ڪيل آهي. فريزر پنهنجي مشهور تصنيف ۾ لکي ٿو، ”اسين هن ڳالهه ۾ غلط نه آهيون ته ڪيتريون ئي ڏند ڪٿائون، انسان جي روزاني زندگيءَ جو هڪ حصو آهن (2)“.

ڏند ڪٿائن بابت هيليڊي لکي ٿو، ”ڏندڪٿا ۾ انسان جي انهيءَ فڪر جا مسئلا سمايل آهن ته دنيا ۾ شيون ڪيئن وجود ۾ آيون، آسمان

---

(1) Indo-European Folk Tales Page5.

(2) I. G. Erazer: The Golden Bongh IX Page 374.

۽ زمين ڪيئن ڪيئن پيدا ٿيا، دنيا ۾ برائي ۽ خرابي ڪيئن پيدا ٿي(1)."

ديون پرين جي آکاڻين ڪي پڻ عوام ۾ وڏي اهميت آهي. پرين جو ذڪر هومر (Homer) توڙي هيرودوٽس پڻ ڏنو آهي. ويدن توڙي ٻين مذهبي ڪتابن ۾ پرين جو ذڪر ملي ٿو.

ديوَ ۽ پريون لوڪ ڪهاڻين ۾ انسان - ذات جي وهمن ۽ وسوسن جا آڳاٽا عنصر آهن، ۽ پڻ ڪهاڻين جا ڪهنا ۽ قديم ڪردار آهن. ظاهري طرح انهن آکاڻين ۾، وندر ڪانسواءِ ٻيو ڪو به احوال ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، مگر انهيءَ هوندي به ناول وانگر هنن ۾ پڻ نصيحت آميز مقصد سمايل آهي. جيتوڻيڪ هنن ڪهاڻين ۾ وهم، وسوسن ۽ ڪرامتن ڪي وڏو دخل آهي، مگر انهيءَ هوندي به انسان - ذات لاءِ اورچائي ۽ مصيبتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ، سٺا سبق پيش ڪيل آهن. گهڻو ڪري سڀني ملڪن جي پرين جي آکاڻين ۾ ڪافي هڪجهڙائي آهي. انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته انهن جي شروعات ڪنهن هڪ هنڌان ٿي هوندي.

روايتن تي مقامي تاريخ، رسم و رواج ۽ انساني تهذيب و تمدن جو گهڻو رنگ چڙهيل هوندو آهي. ساڳئي وقت تي اهي هر هڪ ملڪ جي مذهبي طريقن سان پڻ پريل هونديون آهن. حقيقت ۾ روايتون بگڙيل تاريخ آهي. هنن ۾ تاريخي صداقت سمايل هوندي آهي. مشهور مصنف 'هيليڊي' پڻ انهيءَ بابت لکي ٿو ته، "روايتن جو بنياد، ڪنهن تاريخي حقيقت تي ٻڌل هوندو آهي. انهن ۾ مونجهارو فقط هن ڳالهه جو هوندو آهي ته ڪنهن خاص روايت ۾ تاريخ ڪٿي تي ختم ٿئي، ۽ خيالي قصو ڪٿان ٿو شروع ٿئي(2)." هو ٻئي هنڌ انهيءَ باري ۾ لکي ٿو ته، "موجوده وقت ۾ هيءَ ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته روايت ڪي پنهنجون الڳ خوبيون آهن. انهن جو ڳجهارت يا معمي سان ڪو به تعلق نه آهي، جنهن ۾ ڳجهي معنيٰ رکيل هوندي آهي... جيڪڏهن ڏند ڪٿائون سائنس جو ابتدائي نمونو آهن ۽ پرين

(1) Halliday: Indo-European Folk Tales Page 5.
(2) Halliday: Indo-European Folk Tales Page 11

جون آڪاڻيون وندر واري خيالي ادب جو شروعاتي نمونو آهن ته روايتون قديم قسم جي تاريخ آهن (1)."

تاريخي نقطه نظر کان مختلف قومن جي روايتن ۾ مشابهت فقط بنيادي حالتن جي آهي، باقي هر ملڪ جي روايتن تي پنهنجو ديسي رنگ چڙهيل هوندو آهي. زانگ. ان. ساب لکي ٿو ته: "روايتن ۾ بادشاهن ۽ حڪومتن جي بنياد جو پڻ گهڻو ذڪر هوندو آهي.... ڪيترين ئي روايتن ۾ بادشاهن جي ظلم ۽ انڌير جا پڻ احوال ملن ٿا. انهن ۾ عشق ۽ محبت جا پڻ داستان هوندا آهن، جن ۾ هن ڳالهه تي خاص زور ڏنل هوندو آهي ته ڪيئن سماجي حالتون، عورت ۽ مرد جي وچ ۾ ديوار ٿيون بنجن." (2)

قديم زماني جي ماڻهن ۾، جيڪي روايتون وجود ۾ هيون، سي فقط خيالي ڪهاڻيون يا قصا نه آهن، مگر زنده حقيقتون آهن. انهن جو هنن خيالي قصن سان تعلق نه آهي، جيڪي اسين اڄڪلهه ناولن ۾ پڙهون ٿا. سنڌي ادب ۾ اهڙي قسم جون روايتون يا جن کي نيم تاريخي قصا چئجي ٿو، سي آهن، سسئي پنهون، مومل راڻو، عمر مارئي، ليلان چنيسر، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي ۽ سورٺ راء ڏياچ وغيره.

جانورن جي آڪاڻين ۾ تمام گهڻن قسمن جون بيشمار ڳالهيون اچي ٿيون وڃن. قديم زماني جي ماڻهن جو گهڻو تعلق جانورن جي ڳالهين سان پڻ رهيو آهي. انهن مان خاص طرح سان ٻُڌ مت جي نظرين کي وڏو دخل آهي. ايسپ جو آڪاڻيون پڻ جانورن جي واتان چوايل آهن. انهن ڳالهين موجب مختلف جانور ۽ پکي ڳالهائين ٿا ۽ انهن جي واتان نصيحت آموز ڳالهيون بيان ڪرايون ٿيون وڃن.

انهن آڪاڻين ۾ مرڪزي خيال ڏاڍو اصلاحي هوندو آهي: منجهن اهڙا ته واقعا پيش ڪيل هوندا آهن، جن ۾ بهترين اخلاقي ڪردار جهڙوڪ:- اشراف ڪارو واسينگ نانگ، گرڙ پکي، هرڻيون، هرڻ، چتون وغيره سمايل هوندا آهن.

---

(1) Ibid. Page 4 and 8

(2) Zong-In-Sob: Folk Tales from Korea PP. XXII

اهي ڪردار، گويا آڳاٽي زماني جا يادگار آهن. خاص طرح سان انهن ڪهاڻين جو دارو مدار دنوي سياڻپ ۽ انسان جي سمجهه ۽ حالات جي باريڪ جائزه تي ٻڌل هوندو آهي. انهيءَ کان سواءِ انسان جي ڪمزوري، انهيءَ جا خراب نتيجا ۽ انهن جو سماج تي برو اثر پڻ واضح ٿيل هوندو آهي. مطلب ته لوڪ ڪهاڻيون ادب ۽ زندگيءَ سان گهرو تعلق ٿيون رکن، جيئن ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو، ”لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ ادب جو نهايت ئي اهم ڀاڱو آهن، ڇاڪاڻ جو نه رڳو اهي لوڪ ادب جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو نمونو آهن، پر اهي انساني نفسيات، توهمات ۽ ابتدائي اعتقادات جي آثارن جو آئينو آهن (١).“

---

(١) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي لوڪ ڪهاڻيون“، جلد پهريون، مقدمو صفحو ١.

# ڪتب آيل ڪتابن جي فهرست

| | | |
|---|---|---|
| ١. | هو جمالو | نارائڻ ڀارتي |
| ٢. | سنڌ جو سينگار | عبدالڪريم سنديلو |
| ٣. | سنڌي لوڪ ڪهاڻيون | نارائڻ ڀارتي |
| ٤. | انسائيڪلو پيڊيا آف لٽريچر | شپلي ايڊورڊ جي جورجي |
| ٥. | انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا | |
| ٦. | يوگل ڪوش | پنڊت ويا س |
| ٧. | چيمبرس انسائيڪلو پيڊيا | |
| ٨. | انگلش ۽ اسڪاٽش پاپولر بئلڊس | پروفيسر ايف. جي. چائيلڊ |
| ٩. | سنڌي ادب (اردو) | پير حسام الدين راشدي |
| ١٠. | اسپيڪٽيٽر | ايڊيسن |
| ١١. | پيلاين جا ٻول | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ |
| ١٢. | سڳنڌ (ديباچو) | عطا حسين شاهه موسوي |
| ١٣. | وينجهار | عبدالڪريم سنديلو |
| ١٤. | تحقيق لغات سنڌي | عبدالڪريم سنديلو |
| ١٥. | سرهاڻ | عبدالحسين شاهه موسوي |
| ١٦. | اي هسٽري آف سنسڪرت | اي. بي. ڪيٿ |
| ١٧. | سنڌ يونيورسٽي جرنل ١٩٦١ | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ |
| ١٨. | سنڌي لوڪ ڪهاڻيون | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ |
| ١٩. | انڊو - يورپين فوڪ ٽيلس | هئليبڊي |
| ٢٠. | پنچتنترا | ٿيوڊور بينيفي |
| ٢١. | دي گولڊن بئو (IX) | جي. جي. فريزر |
| ٢٢. | فوڪ ٽيلس | زانگ. ان. ساب |